

# ڀارت-روس دوستي

ليکڪ: آتم

قيمت ـــ رپيا

# ڀارت-روس دوستي

( آڳاٽي زماني کان اڄ تائين )

ليکڪ:- اُتم

قيمت ٻه رپيا

Indian Institute of Sindhology
L Essay
9020 (12)
29.4.2004
Adipur Kachchh

ڪتاب چوويھون [ سيپٽمبر ١٩٦٥ ]

نئين دنيا پبلشرس

١٠، مهتا مينشن، سينٽلا ديري، ٽيمپل روڊ،

مهيم، بمبئي-١٦

## پبلشرس طرفان

جنهن وقت اسان جو پيارو ديش پنهنجي بچاءَ لاءِ جان جي بازي لڳائي رهيو آهي، تنهن وقت جنهن ملڪ اسان سان دوستيءَ جو ناتو نڀاهيو آهي، سو آهي سوويت يونين. هُوَ ئي اوکي سوکيءَ ۾ اسان جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو آهي. ان مهان ديش سان اسان جي مهان ديش جا ناتا رشتا ڪهڙا آهن ۽ ڪڏهن کان آهن، انجو اپياس ڪرڻ غير ضروري نه ٿيندو.

هن ڪتاب ۾ انهن رشتن ٽاڻن جو ئي سونهري اتهاس آهي، جيڪو ڪيترين ئي اهڙين عجيب غريب خبرون پڌرائي ٿو، جو اکيون چرخ ٿيو وڃن. مثلا رشيا جي پاسي سنڌين جي قديم حڪومت جو هئڻ ۽ سنڌي واپاري بستي، موهن جي دڙي جي ٻولي سلڻ جي ڪوشش، لهندا زبان (Dialect) جا ڳالهائيندڙ وغيره جون ڪوجنائون. ڪتاب ۾ ته هنن ڪانسواءِ ٻيو به جدا جدا پهلن تي گهڻو ئي ڪجهه احوال آهي، جيڪو اميد ته وداون، اتهاسڪارن ۽ کوجنيڪن کي پسند پوندو. هنن جي راين جي دلي آجيان ڪنداسين.

---

درستي - صفحي (٩) تي [١٨] سٽ ۾ هي لفظ گڏ ڪجن: ”ليننگراڊ جي کوجنيڪ اپوسف اورسنسڪي جي رائي موجب اها زبان پنجابي ۽ لهندا جي وچهو آهي ۽ ڪجهه ڙاجستانيءَ جون خاصيتون به اٿس (ڏسو ٽاس بليٽن- ١٨-١٠-١٩٦٣ ع)

# ڀارت - روس جا آڳاٽا سڀيتڪ ناتا

ڪوئي ڪنهن سان ڇهه ست
قدم ٿي گڏ هلي،
۽ ٿورو ڪجهه ڳالهائي ٻولهائي
ته دوستي پيدا ٿيو وڃي.
(ڪاليداس)

ڀارت ۽ روس جا دوستاڻا ناتا ڏينهون ڏينهن ٻهتر ۽ مضبوط تر ٿيندا پيا وڃن. هو هڪٻئي کي سمجهڻ ۽ ساٿ ۽ سهڪار ڏيڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش وٺي رهيا آهن. ڪلچرل، چاهي آرٿڪ چاهي راڄنيتي کيترن ۾ ٻنهي ديسن گڏجي ڪيئين قدم اڳتي وڌايا آهن. ان ڳالهه کان ڀلا ڪير انڪاري ٿي سگهندو؟

حقيقت ۾ هن دوستيءَ جو ناتو ڪو نئون ڪونهي، ڪافي آڳاٽو آهي، ايترو آڳاٽو، جيتري اسانجي سڀيتا آڳاٽي آهي. اچو ته ڇهه ست قدم ماضيءَ ۾ موٽي انهن آڳاٽن رشتن ناتن جي اوڪ ٻوڪ ڪريون.

ڪن سالن کان سوويت يونين ۾ خاص ڪري ان جي وچ ايشيائي ريپبلڪن ۾ جيڪو کوٽائيءَ ۽ کوجنا جو ڪم ٿيو آهي، سو نه رڳو حيرت انگيز آهي، ٻـر وشيا جي ٻهنجائيءَ ۽ مترتا جي ڀاونا جو هڪ اعليٰ

مثال آهي. اُن مان بِهي ملڪن جي نہ فقط قديم ناٽن جي ڄاڻ پوي ٿي، پر ڪيترن پراچين منجهيل معاملن تي پڻ نئين روشني ملي ٿي، جنهنجي آثار تي اڳتي هلي انساني اِتهاس ۾ هڪ نئون ورق ورندو.

## ٻڌ جا مندر

۱۹۵٨ع ۾ رشيا جي تاجڪستان رپبلڪ جي اوير واري حصي ۾ فرگهنا ماٿري ۾ ڪُووا شهر ۾ کوٽائي ڪندي گوتم ٻڌ جو پتلو لڌو ويو آهي، جنهنجي منهن مان شانتي، تپسيا، ديا ۽ نهٺائيءَ جو نُور پيو ٻکي. هي ۽ ٻيا لڌل پتلا ڪاٺ تي مٽيءَ سان ٺاهيل آهن. ان مٽيءَ ۾ ڪک، اَن ۽ گهوڙي جا وار وجهي مضبوط ڪري رنگ لڳايل آهي. هي پتلا مندر ۾ رکيل لڌا ويا آهن. جيتوڻيڪ ٻڌ ڌرم وچ ايشيا ۾ عيسوي سن کان هڪ اَڌ صدي اڳ آيو، جڏهن اُتي ۽ هندستان ۾ ڪشن جو راڄ هو ته به هي مندر ٨،٧ صديءَ جوٽي لڳي ٿو جڏهن ڪُووا شهر آسودگيءَ جي چوٽيءَ تي پهتل هو، اُنجو سنگتراشيءَ جو ڪجهه ڪم اُتر هندستان جي سنگتراشيءَ جهڙو لڳيتو *

ساڳيءَ طرح اُزبيڪستان رپبلڪ جي ترميذ شهر ۾ هڪ ٻيو ٻڌ جو مندر لڌو ويو آهي، جيڪو غار ۾ ٺهيل

* See "Buddhist Temple in Tajikistan" by Elena Kuznina in "Caravan" of Oct. 1960

آهي ۽ ڪنشڪ راجا جي دور جو آهي. اهڙيون ٻي غارون مليون آهن، جنهن مندر ۽ پوڄارين لاءِ ڪوٺيون آهن. ان ڪوٺائيءَ مان چيني ياتري هوان سانگ جي هن ڪهاڻيءَ جي تصديق ٿي ٿئي ته اُن زماني ۾ اُتي (وچ ايشيا ۾) ٻوڌن جا وڏا مٺ هوندا هئا، جنهن هزارين ڀڪشو رهندا هئا. مندر ۾ داخل ٿيڻ جو رستو، پوڄا لاءِ هڪ گول وڏو پٿر، گوتم ٻڌ جي پتلي لاءِ وڏو ڪمرو ۽ ٻيون ڪوٺيون ۽ گندار آرٽ ذريعي نڪتل ولين ۽ ٻوٽن جي چٽن کي صاف ڪيو ويو آهي. چوڻتا ته مندر ٻه هزار سال اڳي، ڪنهن زلزلي ڪري تباهه ٿيل ٿو ڏسجي. هڪ ڪوٺيءَ مان ته هڪ ڀڪشوءَ جي هڏن جو پڃرو پڻ لڌل آهي، اُنجي سامهون ٿتي ۽ مٽيءَ جا باسڻ پڻ رکيل آهن. هن مندر جو خاڪو اُتــر هندستان جي مندرن جهڙو آهي. †

تازو تاجڪستان ۾ هڪ حقيقت ملي آهي اتي هڪ آديواسي ٽولي رهيتي جيڪا **هندي** جهڙي ساڳي ٻولي ڳالهائي ٿي ۽ اُتي هندستان ناٽن جون ڪي ڏند ڪٿائون پڻ مروج آهن. *

## لڪشمي ناراڻ جو پتلو

رشيا ۾ نــه فقط ٻڌ ڌرم جون شيون مليون آهن ٻر

---

* Read "Ancient Ties between India & Tajikistan" by Prof. A. Semyonov in "Soviet Land"

† اُردو "سوويت ديش" مين "وسط ايشيا مين ايک بوده مندر"

هندو ڌرم جون پڻ مليون آهن. ماسڪو ۾ ڪيئي جي ميوزم ۾ برونز ڌاتوءَ جا هندو ديوتائن جا پتلا رکيل آهن. ڪيئي وارن پتلن ۾ خاص طور لڪشمي نارائڻ جو هڪ وڏو پتلو آهي جيڪو پولٽاوا جي ڪيت پيرسان لڌو ويو هو. لڪشمي، نارائڻ جي ڏائي پاسي گوڏن ڀر ويٺل آهي. ٻئي گرڙ پکي تي چڙهيل آهن. اُن جو نمونو پالا نموني جي "ڪمل جي تخت تي ويٺل اُما مهيشور" وارو آهي. اهو پتلو ١٣ صديءَ جو ٿو لڳي. جيڪو ضرور هندستاني واپارين طرفان اُتي آندل هوندو جيڪي وشنوءَ جا پوڄاري هوندا.

اهڙيءَ طرح ماسڪو ۾ رکيل پتلا وري ١٧ صديءَ جا ٿا لڳن، جيڪي **استراخان** ۾ هندستاني واپارين جي ڪالونيءَ مان هٿ آيل آهن. هتي جيڪي واپاري ايندا هئا، سي **سنڌ**، راجستان، ملتان ۽ پنجاب جا هئا * هن ڪالونيءَ بابت اڳ ۾ گهڻوئي احوال آهي جيڪو اڳتي هلي ڏبو.

ساڳيءَ طرح سوويت آزربائيجان ريپبلڪ جي **باڪو** شهر ۾ پڻ هندن جو مندر ڏٺو ويو آهي. اهو مستطيل شڪل ۾ ڪائين رنگ جي پٿر مان ٺهيل آهي. جنهن تي پنهين منجهان هر هڪ ۾ ڪمان واڪر وسعو ٺهيل آهي.

---

* "Indian Bronze finds in USSR" by S. Tyulyayev in Bharat Jyoti of 8-3-1964.

وچم ٻليون چاڙهڻ لاءِ جڳهه لهيل آهي. پوڄاريءَ جاترين لاءِ ٢٤ ڪمرا آهن. †

باڪوءَ جي مندر بابت سرڳواسي راهول سانڪرتياين جو چوڻ آهي ته اُتي ڪيترائي **سنڌي** واپاري به رهندا هئا، سچ ته باڪو جي هڪ مندر 'جوالا ٻائيءَ جي مندر' جي ٻائي جي آجيوڪا جو خرچ هڪ سنڌي واپاري ڀريندو هو.

## هندستاني ڪلا

هنن کوجنائن مان صاف ظاهر آهي ته پراچين هندستان ۽ رشيا جي ايشيائي حصي جا پاڻ ۾ ڪافي گهاٽا ناتا هئا، جنهن سوويت کوجنيڪ الينگزينڊر بيلنسڪي پڻ چيو ته "پراچين زماني ۾ هندستان ۽ وچ ايشيا جو ڪلچر هڪ شاهي ايراضيءَ جي هڪ ئي سڀيتا جو حصو هو." هن کوجنيڪ جو نالو، وچ ايشيا جي ذراوشن ماتريءَ جي پينجيڪنت ايراضيءَ ۾ کرايل کوٽائي ڪري، خاص چڙهي ويو. اُن کوٽائيءَ مان جيڪي سنگتراشيءَ جون چيزون لڌيون آهن، جيڪي عيسوي سن جي ٧، ٨ صدين جون آهن، اُنهنجي وشيه ۽ نمونو ڪيترن ڳالهين ۾ هندستاني ڪلا سان لاڳاپو رکيتو. مثلا پينجيڪنت محلات جي هڪ هال جي پٽ تي جيڪا مشهور نمري

---

† "Hindu Temple in Azarbaijan" by Edwin Grantovsky in "Soviet Land" of 1-7-1957.

رنگ جي ڊانسر جي شڪل چٽيل آهي، تنهن تي لاشڪ شو- پوڄا جو اثر آهي. هن گمنام ڪلاڪار پنهنجي نائڪ کي هندستاني ديوتا جون سڀ خصوصيتون ڏنيون آهن. ساڳيءَ طرح هڪ پٽ تي اڌامندڙ شينهن ۽ سوريه ديوتا جا رٿ چٽيل آهن، سي پراچين هندستان جي مندرن جي سنگتراشيءَ سان ميل کائينتا.*

ڪوئٽائيءَ مان هندستان جي ڌرم، سڀيتا ۽ ڪلا سان واسطو رکندڙ چيزون ته لڌيون آهن، پر اهڙيون چيزون پڻ لڌيون آهن، جيڪي هندستان ۽ وچ ايشيا جي آڳاٽين ٻولين ۽ جاتين تي روشني وجهن ٿيون ۽ رهيل خال پرين ٿيون.

رشيا جي ترڪمينيا رپبلڪ جي پراچين شهر مرو ۾ ڪوئٽائيءَ مان هڪ گلدان لڌل آهي، جنهن ۾ سنسڪرت جو هڪ پراچين دستخط (ٽن ڀاڱن ۾) پيل مليو آهي، جيڪو انهن ۱۵ صدين کان رکيل ٿو ڏسجي. اهو دستخط سمجهڻ لاءِ روسي ڪوجنيڪ ڪوشش پيا ڪن. ڪامياب ٿيڻ تي ڀارت ۽ وچ ايشيا جي ناتن تي وڌيڪ روشني وجهي سگهندا.†

ان گلدان جي باري ۾ روسي کوجنيڪ مسٽر جي- ڪوشيلينڪو چوي ٿو، ”اهو دلڪش گلدان ۴ يا ۵ صديءَ

---

* See Tass News dated 22-6-1964.

† See Tass News dated 14-7-64.

جو ٽو ڏسجي. عجب اهو آهي تہ اهو سڄي جو سڄو مليو آهي. انڪان وڌيڪ عجب ۾ وجهندڙ آهي ان تي نڪتل چٽرڪاري. ڪلاڪار، انسان جي ڀرپور زندگيءَ جو چٽر چٽيو آهي، جنهن ۾ هنجي خوشي، ڏندو ڏاري ۽ موت بہ اچي وڃي ٿو. چٽر ڀوري ڀوري رنگ ۾ ڀنگہ سان چٽيل آهي. مجلس ۽ شڪارن جا تمام سنا نظارا چٽيل آهن. ههڙو چٽساليءَ وارو مٽيءَ جو ٿانو هي پهريون آهي.*

ساڳيءَ طرح **تاجڪستان** جي دشت - جم ڳوٺ مان پڻ برونز ڌاتوءَ جو هڪ وڏو گهنڊ لڌو ويو آهي، جنهن تي ڪشن ٻوليءَ جا ڪي لفظ اُڪريل آهن. جاچ ڪندي پتو پيو اٿن تہ اهو گهنڊ ٢ هزار سال اڳم جو ٺهيل آهي. ان گهنڊ جي آڌار تي پيون بہ کوٽايون ڪيون ويئون تہ ڪيترائي پراچين شهر، قلعا، کوٽ، واهہ، اوزار، هٿيار، ٻاسڻ، سڪا ۽ دستخط هٿ آيا آهن. اڄ انسٽيٽيوٽ آف هسٽري آف تاجڪ اڪيڊمي آف سائنس وٽ اهڙيون قديم ۽ قيمتي هزارين شيون آهن.

## آريہ ڪٿان آيا؟

ان اڪيڊميءَ جي وڏي مسٽر ٻورس لٽونسڪي جي رهبريءَ ۾ **پاميز** ۾ پاشل ڀرنئي جي چوگرد سمڪ ڪن

* See "Mystry of Ancient Vase" in Soviet Land of 19th Oct. 1964.

دڙا لڌا اٿن. هڪ ۾ ته ٻن انسانن جي هڏن جا پڃرا ۽
مليا آهن. هڪ وچولي عمر واري مرد جو ۽ ٻيو نوجوان
عورت جو، جيڪي اڍائي هزار سال اڳ جا پوريل
آهن. انهن ٻنهي پڃرن جي وچ ۾ برونز ڌاتوءَ جي هڪ
ڪٽلي پئي لڌي آهي. انڪي ٻه هٿيا آهن ۽ ڳجهه جهڙي
پکيءَ جهڙو نيسارو اٿس. انجي مٿينءَ ڪنار تي چلو
آهي جيڪو وٽيل سوٽليءَ وانگر آهي. مسٽر لٽونسڪيءَ
جو چوڻ آهي ته اهڙي ساڳي برونز جي ڪٽلي
**هندستان** ۾ **گلگت** هنڌان لڌي ويئي هئي. اهي
ٻئي ساڪ جاتيءَ وارن جون ٺاهيل آهن پوءِ انهن مان هڪ
پامير جي مٿاهين پٽن ۾ ڪيئن پهتي؟ ان باري ۾ هڪڙن
جو رايو آهي ته رولو ساڪ، دشمن کان مجبور ٿي
وچ ايشيا مان پامير معرفت اوڀر هندستان ۾ آيا هوندا.
ٻيو رايو اهو آهي ته ساڪ ضرور ڏکڻ ترڪمينيا مان
لنگهيا هوندا ڇو ته هو پامير ميدان ۽ هندوڪش جبل
پار ڪري نه سگهيا هوندا. هن پامير جي ڪٽليءَ ان
مسئلي تي چڱي روشني وڌي آهي. ظاهر آهي ته
هڪ رستو جنهنجي ذريعي ساڪ هندستان ويا هوندا،
سو پامير منجهان هو.

مسٽر لٽونسڪيءَ مٿين کوجنائن جي آڌار تي اهو

---

* Read "Archaeological Finds in Tajikistan"—by Ivan Kovalkin-Soviet Land of April 1965.

مت پيش ڪيو آهي ته هندستان ۾ عيسوي سن کان هڪ ٻه هزار سال اڳ جيڪي آريه رهندا هئا، سي وچ ايشيا مان ويا هئا. هنن جو اصلوڪو گهر ٻرونز ڏالوءَ جي زماني ۾ تاجڪستان ۽ ڏکڻ ترڪمينيا ۾ هو، † جيڪي هاڻي سوويت يونين ۾ آهن.

هڪ ٻئي سوويت ڪوجنيڪ جي. ايم. بونگارڊ-ليون جيڪو ”آرين جي ڪاهه“ بابت مت پيش ڪيو آهي جنهن جي ڪن ڳالهين جي ڪن هندستاني ودوانن به تائيد ڪئي آهي، سو هي آهي: (١) آريه هندستان ۾ هڪ وڏي يڪي ٽولي ۾ نه آيا، پر ڪيترن سالن کان لاڳيتو لڏپلاڻ ۽ ڪاهون ڪندا آيا. (٢) هڙاپا (موهن جو دڙو) سڀيتا جي زواليت ۽ ويدڪ آرين جو عيسوي سن کان ١١، ١٢ صديون اڳ هندستان اچڻ واري وقت جي وچ ۾ هڪ عارضي خال آهي. (٣) هڙاپا سڀيتا جي زواليت پهرين ۽ مکيه طرح اندروني سببن ڪري آئي ۽ اها سڌيءَ طرح ويدڪ ڪاهن ڪري نه ٿي، جن جو ڪلچر هڙاپا سڀيتا جي مکيه مرڪزن سان لاڳاپو رکندڙ نه هو. *

## موهن جي دڙي جي ٻولي سلبي؟

جهڙيءَ طرح سوويت يونين جون مٿيون ڪوجنائون

---

† Read Tass Bulletin dated 5-4-1963.

* "Some Problems of Indian History"
—by V. V. Balbushevich

قديم تهذيبن جــي روايت ۽ ٻـين ڳالهين بابت سراغ
پڌائين ٿيون، ٿهڙيءَ طرح اُتي اهڙيون ٻـــه ڪوجنائون
ڪيون ويئون آهـــن، جن جـي ڪري پراچين ٻوليون
جيڪي يا ته اڄ زنده ڪونهن، يـــا ته اڃا تائين سلجهڻ
کان ٻاهر آهـن، تن تي نئين روشني پوي ٿي ۽ انهن
جي اهميت ۾ اضافو ٿئي ٿو. هڪ سوويت ڪوجنيڪ ۽
ڀاشا وگياني ولنديمبر لفشتس پڻ چوي ٿو ته وچ ايشيا
(هاڻوڪي سوويت ايشيا) جي وسيع ايراضين ۾ هزارين
سال اڳي جيڪي خراساني، پارٿياني، ڪشنس ۽ سوگد
منس رهندا هئا، تن جي گـم ٿي ويـل ٻولين جـي
ڳجهارت جي ڪنجي هنن ڪوجنائن مان ملي ٿي. جنن
تازو ترميذ ۾ جيڪو ٻڌ جـو مندر لڌو ويو آهي، اُتي
جي پٿرين تـي ڪشن دور جي ٻوليءَ ۾ ڪجهه احوال
لکيل آهي، جو ڪافي ڪمائتو ۽ ناياب آهي. * اُتي
وڻ جـي چوڏن تي لکيل ڪي دستخط پڻ مليا آهن،
جيڪي **برهمي لپيءَ** ۾ آهـن. سندن ٻولي ٻوڌي
**سنسڪرت** آهي. اُهي ٻوڌ ساهت جي ”ونيه پتاڪا“
جا ڪي ٽڪرا آهن. اُنهن ۾ ٻوڌي ڀڪشن ۽ رواجي ماڻهن
جي هلت جا ٻوڌي نيم ڏنل آهن. †

ساڳيءَ طرح تاشقند جي ڪوجنيڪ ايل - آلبر ڪـــي

---

* **Tass Bulletin of 2-11-1964.**
† **Soviet Land No. 9 of May 1964.**

ٻڌائيندو.*

۽ جڏهن موهن جي دڙي جون لکيتون مايا سڀيتا جي لکيتن وانگر سلجهي وينديون، تڏهن کيترين ڳجهارتون حل ٿي وينديون جيڪي هندستانين ۽ اسان سنڌين جي اتهاس ۾ هڪ نئون ورق ورائينديون جنهن اُپ اکئين ڏسجي ۽ پيو.

## ڪاڪيشز ۾ آڳاٽن سنڌين جي بستي

حقيقت ۾ سوويت يونين جي کوجنيڪن سنڌين جي باري ۾ پڻ کوجنائون ڪيون آهن، جنهن اساڪي پورو پورو اڀياس ڪري ڪن نتيجن تي پهچڻ کپي، جيڪي هيلتائين جاتل نتيجن کان نرالا ٿي سگهن ٿا.

ان باري ۾ اُتر ڪاڪيشز ۾ ڪتسون ۽ ڪاري سمنڊ جي پرسان وارين ايراضين ۾ ڪيل کوجنائن خاص ڌيان لهڻو. اتي تمن اُپبيت ۾ هڪ پٿر جي پٽي لڌي ويئي آهي جنهن تي اِنڊي (Indie) نالو لکيل آهي جيڪو عيسوي کان پنج صديون اڳ جو چيو وڃي ٿو.

انهن ايراضين ۾ چڱي طرح کوجنا ڪرڻ سان ڏنو ويو آهي ته اُتي عيسوي سنه کان اڍائي هزار سال ڪن اڳهم وڏيون جاتيون (Tribes) رهنديون هيون، جن وڏيون وڏيون ڪاهون ڪري ملڪ فتح ڪيا. ڪيوبن ماٿري ۽ جي دڙن ۾، جاتين جا مکي پوريل آهن. اتي

---

* Tass Bulletin dated 3-2-1961

اهڙا هار ۽ ٻيون شيون مليون آهن، جيڪي هندستاني نسل جون آهن. انهي جي جاچين جي رهڻي ڪرڻي ۽ ويدڪ جاتين جي ابن ڏاڏن جهڙي آهي. ويدن ۽ ٻين قديم هندستاني ڪلچر جي يادگارن ۾ ٻاري جو گهڻو ذڪر مليل ٿو جيڪو راجائون ڪم آڻيندا هئا. يورپ يا ايشيا جي ٻين وارين ايراضين ۾ ڪيل کوٽائين ۾ اهڙو ٻارو نه لڌو ويو آهي.

ان ڪري سوويت کوجنيڪ ان خيال جا آهن ته ويدڪ آرين جو اصلوڪو گهر ڪاڪيشر ۾ رشيا جي ڏکڻ ۾ هو. اتان هندستان ايندي هنن جو ڪجهه حصو ڏسجي ٿو ته اتي ئي رهجي ويو آهي. ڪيترين صدين پوءِ هنن جي پوين - **سنڌينس** ( **Sindians** ) ڪاري سمنڊ جي ايراضين جي اتهاس ۾ هڪ اهم ڀاڱو ادا ڪيو هو جنهنجي ڳالهه يوناني اتهاسڪار **هيرو ڊوٽس** ٻڌائي آهي.

**سنڌ مان هند تي نالو**

سوال آهي ته ان جاءِ ان وقت پاڻ کي **انڊينس** (**Indians**) بدران **سنڌينس** ڇو سڏايو؟ ان جي ته خاطري ٿي سگهي ٿي ته هنن برابر پاڻ کي سنڌينس سڏايو هو. ۽ قديم ليکڪن جي رچنائن ۾ به اهڙو ئي نالو ڏسجي ٿو.

سنڌيت جو لڪر کوبن نديءَ جي هيناهينءَ طرف

تمن اُهيت ۽ ڪاري سمنڊ پرسان هو. ان زمانـــي ۾ ڪوبن نديءَ ”ڪُوفا“ ڪري سڏبي هئي جيڪو سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ - ڪُويا (پراچين زماني جي) سان ميل کائي ٿو. هي سنڌين جو نالو هندستاني سنڌو نالي سان مڪمل نموني ٺهڪي ٿو، جنهنجي معنيٰ ٻه آهي دريا‍ھ، سمنڊ، سنڌ ملڪ، سنڌواسي وغيره. اهو سنڌ نالو هو جنهنجي معرفت يورپين هندستان کي هاڻوڪو نالو انڊيا ڏنو، جنهن کي ايراني، هندو چوندا هئا.

سنڌي پنهنجي جاتي ايڪتا ۽ راجنيتي آزادي هيترين صدين تاءِ قائم رکي سگهيا سو فقط سنڌن ملڪ سنڌ يڪا جي سٺي طبعي بناوت جي ڪري، جيڪو ڪيوبن نديءَ جي ڪناري تي هو. هيءَ ندي هنڪي سنڌن دشمنن خلاف بچاءُ هئي. ان نديءَ ۾ جيڪا مڇي ليندي هئي سا قديم يونان ۾ ڏاڍي قيمتي چيز سمجهي ويندي هئي.

سنڌ يڪا جي پلي زمين تي ڪڻڪ، جوُن ۽ دالين جي سٺي پوک ٿيندي هئي. الاهي گهوڙا چراگاهـن ۾ پيا چرندا هئا. انهن جي گهڻائـيءَ جو انداز ان مان ٿي لڳائي سگهجي ٿو ته جيڪي سنڌ يڪا جي مکين جا لاش لڌا آهن، انهن سان گڏ ڪيترائي گهوڙا ٻل چاڙهيل نظر آيا آهن. عيسوي صديءَ کان پنج صديون اڳـــ جي سنڌ يڪا جي سڪن تي بـــ گهوڙي جي مٿو ۽

ڪٽڪ جو سلو اُڪريل آهي.

هن سنڌين جو عيسوي سنه کان ڇهه صديون اڳهه يونان سان سنئو واپار هلندو هو. سوويت ڪوجنيڪن جون کوٽايون صاف ڏيکارين ٿيون ته سنڌين تي يونانين جي ڪلچر جو ڪافي اثر ٿيل هو. مثلا رواجي سنڌيءَ جي گهر مان عمدي شراب جا ٿانو، جيڪي ائٿينس جا ٺهيل هئا، سي لڌا ويا ۽ هڪ مکيءَ جي لاش پر سان يوناني جواهريءَ جي ٺهيل جواهرات لڌي ويئي.

هي سنڌي امير اڪثر ڪري يونانين سان شاديون به ڪندا هئا. ڏسجي ٿو ته **يونان جو اعليٰ فصيح زبان ڊيمستينس هڪ سنڌي عورت جوئي پوٽو هو.** سنڌيءَ آلمپڪ رانديون پڻ ڪندا هئا، جنهن انعام ڪٽندڙن جا نالا سنڌ، سنڌوڪ وغيره هئا جيڪي قديم هندستاني ساهت ۾ ڪم آيل لفظن سنڌ ۽ سنڌوڪا سان مشابهت رکن ٿا. سنڌي يونان ڪانسواءِ ٻين دور ديسن سان پڻ لهه وچر ۾ هئا جتي هڪ دڙي مان شراب جو جيڪو ٿانو لڌو آهي سو پرشيا جو ٺهيل آهي.

## سنڌي حڪومت

هن سنڌي حڪومت جي جيڪا راجنيتي تاريخ ٽڪر ٽڪر ٿي هٿ اچي سگهي آهي سا به ڪافي دلچسپ آهي. هڪ يوناني ليکڪ پاليس (Polyaenus) لکيو آهي ته عيسوي سنه کان پنج صديون اڳهه راجا

ائڪٽيئو (معنيٰ جيڪو نہ رڪجي) سنڌيڪا لي
راڄ ڪندو هو. هنجي راڻي تيرگتاءُ جي محبت بابت
هڪ نيم ڏند ڪٿا آهي، جيڪا تاريخي طرح پڻ هاڻي
سچي لڳي ٿي. چون ٿا تہ جڏهن يوناني باسپورس
بادشاهت جي حاڪم، ستيار، ايڪٽيئو کي سنڌيڪا
جو تخت موٽائي ونڻ ڏيڻ ۾ مدد ڪئي، تڏهن هن
ايڪٽيئو تي زور رکيو تہ تون پنهنجي راڻي تيرگتاءُ
کي ماري منهنجي ڌيءُ سان شادي ڪر. ليڪن راڻيءَ
کي نيت ڦٽي ويئي تہ هوءَ پهريدارن جي اکين ۾
سرمو پائي پنهنجي ميئوٽي جي ماڻهن وٽ ڀڄي
ويئي. اتي ميئوٽي جي جاتين کي گڏ ڪري سنڌيڪا
۽ ستيار بادشاهتن تي ڪاهون ڪريُ ايترو تہ نقصان
رسايو جو هنن کي صلح لاءِ مجبور ٿيڻو پيو. ليڪن دغاباز
ستيار يڪدم صلح جي ڀڃڪڙي ڪري راڻي تيرگتاءُ
کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ خوني موڪليو، پر اهو منصوبو
ناڪامياب ٿيو ۽ راڻيءَ وري باسپورس بادشاهت خلاف
جنگ شروع ڪئي جا ايترا سال هلي جو ويچارو ستيار
حاڪم تہ مايوس ٿي مري ويو ۽ سندس پٽ کي قيمتي
سوغاتون ڏيئي صلح خريد ڪرڻو پيو.

ان باري ۾ روشيا ۾ کيل تازن کوجائن جي روشنيءَ
۾ اهڙا واقعا نظر آيا آهن، جيڪي ٻڌائين ٿا تہ ڪيئن
باسپورس بادشاهت سنڌيڪا ۽ ميئوٽس جي شاهوڪار

ملڪن کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن ڪيڏن هندجي جنتا انجو مقابلو ڪيو. ايڪٽيو بادشاه جڏهن باسپورس جو فرمانبردار ٿي هليو، تڏهن سنڌين وطن دوستن هنکي تخت تان تڏي ڇڏيو. انجي ثابتي ان مان ملي ٿي جو جيڪي انوقت جا سڪا لڌا ويا آهن، تن تي بادشاهه جي نالي بدران سڄي سنڌين جي جاتيءَ جو نالو لڳل آهي. باسپورس خلاف جنگ ۾ باهرين حالتن ۾ مدد ڪئي. سڄو يوناني پيلوپونيشن جي جنگ ۾ وڙل هو. باسپورس ۽ اٿينس هڪٻئي جا مخالف هئا ۽ سنڌين لوڪشاهي اٿينس سان ٻڌي ڪئي. ان ۾ عجب ڪونهي ته انکري ٿي هننجي سڪن تي بين نشانين سان گڏ اٿينس جي ڇبري جي نشاني پڻ ڏنل آهي.

ليڪن پيلوپونيشن جي جنگ ۾ اٿينس جي هار ٿيڻ کري ستيار بادشاهه پنهنجي چارئي ايڪٽيو کي سنڌين جو تخت واپس وٺي ڏنو. الڪل عيسوي سنه کان چار صديون اڳ مس وچي باسپورس بادشاهه امير سنڌين جي مدد سان سنڌيڪا کي پنهنجي راڄ هيٺ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو. *

---

* "Kinsmen of Indians on Black See Shores" by E-Berzin and E-Grantovsky in Soviet Land.

## هندستانين ۽ روسين ۾ هڪجهڙائي

سنڌ يءَ بابت مٿين ٻڌايل ڪوتاهي ۽ ڪوجنا ۾ ڪافي وزن ۽ مصالحو نظر اچي ٿو، جيڪو ڪوجنيڪن لاءِ ضروري ڪارائتو ۽ مددگار ٿيندو. ان مان اهو به انومان لڳائڻ غلط نه ٿيندو ته روسين ۽ هندوستانين جي جهوني مٽاچاري آهي. ان باري ۾ هندستان جو ٻرک ڀاشا وگياني ڊاڪٽر سينتي ڪمار چٽرجي لکيتو ته "سوويت يونين ۽ اسانجي دوستي ڪا ويجهڙائي جي ڪانهي. اها لاشڪ مغرب جي هاٺوڪين قومن جي اسانجن ناتن ڪان جهوني آهي، جيتوٽيڪ اسانکي ان جهوني اتهاس جي پوري سڌ ڪانهي. انسانيت جي ناتي ڪان سواءِ ٻيون ڪيتريون ڳالهيون آهن، جن اسان کي هڪٻئي جي ويجهو آندو آهي. سوويت يونين جا روسي ماڻهو سلاوَ ذات جا آهن ۽ هي سلاوَ وري هندستانين جا ڪيتري حد تائين مت مائٽ آهن ۽ اسين ٻئي هڪ ئي ٻوليوار ۽ بنيادي ڪلچرل دائري جا آهيون. اسانجي سنسڪرت ۽ ٻيون هندستان جون سنسڪرت سان سنبند رکندڙ ٻيون ٻوليون انڊو- يورپين ڪٽنب مان آهن ۽ سوويت يونين جون سلاوَ ٻوليون پڻ ساڳئي انڊو- يورپي ڪٽنب مان آهن.

"انڊو آرين من ۽ سلاوَ من کي ساڳيو ٻوليوار اظهار آهي ۽ هندن ٻنهي جي دماغي لوڙي روحاني

بناوٽ ۾ ميلاپ جا ساڳيا بنيادي نقطا آهن."

هڪ هندستاني ليکڪ درگا پرساد شاستريءَ ته ڏيکاريو آهي ته ڪيئن نه **سنسڪرت** ۽ **روسي** ٻولين ۾ هڪجهڙائي آهي. مثال طور-

**روسي**- ٽت وش دام، ايتت نش دام.

**سنسڪرت**- ٽت ٻس ڏام ايتتر نس ڏام.

**معنيٰ**- هو تنهنجو ڏام (گهر) آهي، هي اسانجو گهر آهي.

ٻنهي ٻولين جون سٽون وياڪرڻ جي لحاظ کان به شڌ آهن، انڪري هن مثال ۾ ته ٻنهي ٻولين جو وياڪرڻ به هرطرح کان ساڳيو آهي.

"ديوي" لفظ روسي ٻوليءَ ۾ ريڍو ڇوڪرين لاءِ ڪتب ايندو آهي، پر سنسڪرت ۾ اهو ڏاڍن ٿوري ڇوڪرين لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو. روس ۾ ڪن سالن کان هاڻي "ديوي" لفظ بدران "ديوشڪا" لفظ ڪم ڪم آندو پيو وڃي. هي ٻيو مثال به ڏسو.

روسي- سه ڪيم ميه سين سمبياتس اِديوت.

سنسڪرت- سهه ڪين مم سؤنهه سمين ياتت؟

معنيٰ- منهنجو پٽ مشڪندو ڪنهن سان گڏ پيو وڃي؟

ڪنهن به ٻوليءَ ۾ فعل سڀني کان بدلجندڙ ٿين ٿا. هيٺين مثالن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته ٻنهي ٻولين جي

ڪيترن فعلن جي ڌاتن کي سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو:-

| سنسڪرت | روسي | معنيٰ |
| --- | --- | --- |
| پا | پي | پيئڻ |
| ستا | ستو | بيهڻ |
| آش | ايس | کائڻ |
| جنا | جنا | ڄاڻڻ |
| لھ | لج | چٽڻ |
| سپ | سپا | سمهڻ |
| شي | شي | سمهڻ |
| دا | دا | ڏيڻ |

عجب ۾ وجهندڙ ڳالهه اها آهي ته روسي ڀاشا جو "دا" ڌاتوءَ جي روپ ۾ اڳتي هلي "دام، داس، داست" ٿئي ٿو. ڏسو هنن سان ته سنسڪرت جا لفظ "داسيام، داسياس، داسيا ته" ميل کائين ٿا يا نه؟ اچو ته هاڻي ڪجهه سٽن جي ڀيٽ ڪري ڏسون.

**روسي**- ايتي دوي مبي سيستي، تي اوي توبي سيستي.

**سنسڪرت**- ايتيدوي مديي سوسارءُ، تي ايي تو ديي سوسارءُ

**معنيٰ**- هي ٻه منهنجون ڀينر آهن، هو ٻه تنهنجون ڀينر آهن.

**روسی** - آکیٽنڪ لـل پشچمش؟ نيبت

**سنسڪرت** - آکیتڪ، تؤ ڪ پشنت آلس؟ نٽشت

**معنيٰ** - هي شڪاري، چــا تون ماس کائيند و آهين؟ نــہ.

**روسی** - ميا سنوکاني سپان دنيام

**سنسڪرت** - مديان سنشا نہ سوپت دئي.

**معنيٰ** - منهنجي نهن ڏينهن جو نہ سمهنڌي آهي

**روسي** - سترایاماتپي دايوت ميود سمياسم ايتايي ودوايي ۽ ابابيو سينا ويام

**سنسڪرت** - ستورا ماتا دداتہ مذ سماسم ايتسيہ ودوايين آيا يڏان چ سنييام

**معنيٰ** - بڍي ماءُ هن ودوا کي ۽ بنهي پٽن کي ماس سان گڏ ماکي ڏئي تي*

مٿين پيٽ مان ڏسڻ ۾ اچيتو تہ روسي ۽ سنسڪرت بولين ۾ ڪافي هڪجهڙائي آهي ۽ اها ڪيتن تي آهي، ان لاءِ گهٽي کوجنا جي ضرورت آهي. ليڪن ان ۾ ذرو بہ شڪ ڪونهي تــہ هيءَ ۽ بيون هڪجهڙائيءَ جون ڪيتريون ڳالهيون هندستانين ۽ روسين ۾ آهن.

---

* Read "Great Similiarity between Russian Language and and Sanskrit" in Hindi "Janyug" dated 11th Dec. '55.

مشهور ڀارتي ودوان ڊاڪٽر اي - ايس آلٽيڪر چوي ٿو، "بالٽڪ حڪومتن ۽ ڀارت جي وچ ۾ لکيل تاريخ کان اڳ ۾ قديم زماني ۾، ڌرمي ۽ بيوپار ناتا هئا ...... آرمينيا جي ٽرون شهر ۾ عيسوي سن کان ٻه صديون اڳ هڪ هندو ڪالوني هئي جيڪا ۴۵۰ سالن تائين قائم رهي. ان ڪيترين ئي عمدا شهر ۽ عاليشان مندر اڏايا ...... اها تاءِ بالٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي "اندر" ڪنهن ڪتب يا ڳوٺ جو نالو ڪري پڪار بو آهي*

اها به ڄهڙيون ڪوڄنائون وڏيڪ ۽ وڏيڪ ٽيرڻ ڪپڻ جڻ ٻنهي مهان ديسن جي وچ ۾ جهونن ناتن جي مڪمل جاڻ پوي ۽ نئون رشتو وڏيڪ ۽ وڏيڪ مضبوط ٿيندو رهي.

* Read Dr. Altekar's Presidential Address of the 19th All India Oriental Conference at Delhi.

# واپارين ۽ جاترين جي ڏي وٺ

دوستيءَ کان وڌيڪ پوتر ناتا پيا نہ آهن.
**(گوگل)**

هيلتائين اسان کي جيڪا تاريخ پاڙهي ويئي آهي، اُنہ ڪٿي بہ پارٽي ۽ روسي واپارين ۽ جاترين جي ڏي وٺ جو ذڪر نہ آيل آهي. ان جو اهو مطلب ڪڍيو ويو آهي تہ ٻئي ملڪ هڪٻئي کان اَڻ واقف رهيا آهن مگر اها حقيقت ناهي. هاڻي جڏهن هندستان، سامراجي غلاميءَ مان آزاد ٿي سوويت يونين سان دوستي وڌائي آهي، تڏهن پتو پيو آهي تہ ٻئي ملڪ هڪٻئي کي ڪافي وقت کان سڃاڻن ٿا. ٻنهي ملڪن جي وچہ واپارين ۽ جاترين جي ڏي وٺ ڏاڍي جهوني پراڻي آهي. البت اُنهي شروعات وغيره بابت سڌي سنئين تہ تاريخ پڪيءَ طرح سان ٻڌائڻ لاءِ اڃا کوجنائون جاري آهن. انهن مان في الحال اها جاڻ ملي آهي تہ روسين لاءِ ڀارت هڪ ڪمال جو ديس هو. روس

۾ پارت بابت کي ڏند ڪٿائون به مروج آهن. جن مان هڪڙو مثال آهي بالم ۽ شهزادي جوزف جو.

١٢-١٣ صديءَ ۾ رشيا ۾ هڪ ڪتاب ڇپيو هو. ”شاهوڪار هندستان جي ڪهاڻي.“ اُن ۾ جيڪي ڏند ڪٿائون ڏنل آهن، سي ٻڌائين ٿيون ته ڪيئن هندستان سون ۽ سهڻين جو مالڪ هو. *

## سرڪاري ڪوششون

روسي ۽ پارت واپارين جي وچ ۾ سدا سنواتا ناتا گهڻو ڪري ١٠ صديءَ جي شروعات ۾ قائم ٿيل نظر اچن ٿا، جڏهن اهي بلگيريا جي راجڌانيءَ اِتل ۾ گڏيا هئا. هن حقيقت جي تصديق رشيا جي وولگا ندي واري ايراضيءَ ۾ لڌل، روسي ۽ پارتي سڪن جي جي ڍيڳ، مان ملي ٿي.†

١٥٣٢-٣٣ع ۾ بابر بادشاهه ماسڪو ۾ هڪ قاصد هو ڏجا حسين موڪليو، جنهنکي روسي شهنشاهه لاءِ سوکڙيون ۽ سياسي ۽ واپاري ناتا ڳنڍڻ لاءِ هڪ خط پڻ ڏنل هو. ساڳيءَ طرح روسي سرڪار طرفان پڻ هندستان سان واپاري ۽ سياسي ناتا جوڙڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي. ڇهن اهڙين ڪوششن جو رڪارڊ آهي.

---

* "Bharat-Rus"- by P. M. Kemp

† "The past of Russian Indian Ties"—by K. Antonova in Soviet Land of August 1965.

هڪ سنه ١٦٤٦ع ۾ نڪيتا سيزوهيزهن جي اڳواڻيءَ ۾ ۽
ٻي ١٦٥١ع ۾ روڊين پشيڪوُن ۽ اون ڊبرويسڪيءَ
جي رهبريءَ ۾ ٻه سفارتون هندستان ڏانهن موڪليون
ويئون جيڪي پرشيا مان نه لنگهي سگهڻ ڪري
مجبور ٿي واپس آيون. هي شاهجهان جو زمانو هو.

ٽين سفارت محمد يوسف قاسيموف جي اڳواڻيءَ ۾
ويئي جا ١٦٧٦ع ۾ ڪابل پهتي جو مغل بادشاهت جو حصو
هو ۽ اورنگزيب هنڪي اڳتي وڌڻ جي اجازت نه ڏني.
نيٺ هڪ واپاري سفارت سيميون مَلينڪيءَ جي رهبري
۾ ١٦٩٦ع ۾ هندستان پهتي ۽ آئي اورنگزيب جي فرمان
وٺڻ ڪان پوءِ الي ٻه سال رهي. اهو فرمان جيڪو سون
سان سينگاريل آهي، سو اڄ به ماسڪو جي ميوزيم ۾
رکيل آهي.

هندستان جو رشيا سان واپار ١٧٤٠ع تائين وڌندو
ٿي رهيو. رشيا جي نئين راڄڌاني سينيٽ پيٽرسبرگ ۾
رهندڙ هندستانين روس جي شهنشاهه پيٽر پهرئين ڪان
آرخنگيلڪس معرفت يورپ سان ۽ سائبيريا معرفت چين
سان آزاديءَ سان واپار ڪرڻ جي موڪل گهري. روس
۾ ١٧ صديءَ ۾ هندستاني ڪپڙو ايترو ته مشهور هو جو
هڪ هندستاني ڊزائين جنهن کي "مور جي اک"
چيو ٿي ويو، سا روسي ڀرت ۾ هڪ قومي نشان
بڻجي پيئي.

مغل سلطنت جي زواليت ۽ اورنگزيب جي مرڻ کانپوءِ جيڪا هندستان ۾ گڙٻڙ پيدا ٿي، ان ڪري رشيا ۽ هندستان جو واپار گهٽجي ويو. آئي هندستانين جي بستي ختم ٿي ته پنهنجي مکيه واپار کان ڪٽجي ويئي ۽ اهي هاڻي وياج وٺي جو ٿي ڪم وڏي پيماني تي ڪرڻ لڳا. ليڪن پوءِ به روسي زارشاهي هندستانين جي مفاد جو پورو پورو بچاءُ ڪيو جيترو ٽيڪ وياج تي پئسو ونڊرڻ روسين جي پنهنجي سرڪار وٽ ڪافي هلندي به هئي.

## رشيا ۾ سنڌي واپاري

رشيا جي وڏين واپاري منڊين جهڙوڪ باڪو، نزني نووگرڊ، استراخان وغيره **سنڌي**، پنجابي، مارواڙي ۽ ٻين ڀارتي واپارين جون وڏيون بستيون قائم ٿيون هيون، هنن واپارين مان ڪي روسي ٻولي به سکيا ته ڪي آئي شاديون ڪري روسي پرجا جو انگ بڻجي ويا.

رشيا ۾ هندستاني واپارين جي هڪ زبردست وڏي ڪالوني هئي، جنهنکي استراخان جي ڪالوني چئجي ٿو، جيڪا ١٩ صدي جي پڇاڙيءَ تائين قائم هئي. انهر خاص ڪري **سنڌي** ۽ پنجابي واپارين اهم ڀاڱو ادا ڪيو. انهن واپارين کي اڪثر ڪري ملتاني سڏيو ويندو هو. سنڌي واپاري شڪارپور، ا-ڪر، لڪي، سيوهڻ، حيدرآباد مان آئي ويندا هئا. جو ته سنڌي هندن ۾

هن قسم جي واپار جي روايت آهي. ايڪ پاڻيءَ کان ٻاهرين ملڪن مان ناڻا ڪمائي پنهنجا پاڻ ناهيا آهن. جن اچا تائين حيدرآباد (سنڌ) جي رهندڙ پاڻيءَ کان جا هانگ ڪانگ، ائبيسينيا، ايجپٽ، مُوراڪو، پورچوگل ۾ واپاري دڪان آهن ۽ ڪنهن وقت رشيا جي ولڊيووسٽاڪ ۽ ٻين شهرن ۾ هوندا هئا. ڪي اُلي رهي به پوندا هئا. جن به جتا **موهنداس ۽ گيئب ومل** استراخان ڪالونيءَ ۾ گهر ٺهرائي سدائين لاءِ ويهي رهيا هئا. شڪارپوري شنڪرن جو ڏنڌو نه هنڌين ماڳين مشهور هو. وچ ايشيا کان وٺي استراخان تائين اوله ۾ ۽ چين تائين اوڀر ۾ ڏاڪو جميل هون. هنڪي وياج جي واپار جي جڙ هڪ هٽي هئي. هنجو ايترو ته اثر هو جو هنن جون هنڊيون هندستان جي هر ڪنهن شهر ۾ ته هلنديون هيون پر وچ ۽ اوله ايشيا ۾ استراخان کان ڪلڪتي تائين به هلنديون هيون. †

## روس ۾ پارتي واپارين جي ڪالوني

ان استراخان ڪالوني بابت ڪجهه تفصيلوار احوال ڏيڻ دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو. هيءَ هندستاني واپارين جي وڏي ۾ وڏي ڪالوني هئي.

استراخان جي بادشاهه خاناتي جي ڏينهن ۾ هي شهر يورپ کان ايشيا طرف ويندڙ واپاري رستي جو

† Bhart-Rus-by P. M. Kemp

هڪ مکيه واپاري شهر ليکيو ويندو هو. سورهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ جڏهن استراخان **رشيا** ۾ اچي ويو، تڏهن کان ته پاڻ انجو واپاري واڌارو تمام گھڻو لٿڙو ٿيو. استراخان نه فقط رشيا جي راڄڌانيءَ لاءِ پر پرشيا، هندستان، کيوا ۽ بخارا جي واپارين جو هڪ طرف ته اولهه يورپ جي ملڪن جو ٻئي طرف، مرڪز بڻجي پيو. سورهين صديءَ جي ٻئي اڌ کان وٺي استراخان رشيا جو ايشيا سان واپار جو هڪ وڏو شاهي اڏو ٿي پيو.

انگريز جاتري، جي- فارسٽر جيڪو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو ملازم هو ۽ ١٧٨٣-١٧٨٤ ۾ افغانستان، پرشيا ۽ رشيا کان لنگهي واپس انگلنڊ ويو هو تنهن لکيو آهي ته هندستان جي هڪ جاتي جا ملتان کان اچي باڪوءَ ۾ ڏايو ڪري ويٺي آهي تنهن گھڻن ڏينهن کان اردگرد ايراضيءَ جي واپار جي واڌاري کي هٿي ڏيندي رهي آهي. هن لکيو آهي ته هندستاني ۽ آرمينين ماڻهو مکيه ۾ مکيه واپاري شمار ڪري سگهجن ٿا.

ماسڪو ۽ شيمکه شهر جي وچ واپاري ۽ سفارتي ناتا قائم ٿيڻ کانپوءِ پهريان مهمان جي استراخان ۾ آيا سي هندستاني هئا. انڪري پهريان هندستاني جي استراخان ۾ آيا، سي هئا شيمکه جا ٻارڙي واپاري.

استراخان ۾ جڏهن پهريون ڀيرو هندستاني ڏٺا ويا اُهي تاريخ اتهاسڪارن ١٦١٩ جي واٻهو مقرر ڪئي آهي، جا غلط ٿي نظر اچي. ڇو ته رشيا جي ٻين شهرن ۾ واپار ڪرڻ جون سهوليتون پنجاهه سال اڳ، موجود ڪيون ويئون هيون ۽ واپاري ماڻهو ته وقت وڃائڻ وارا ناهن.

هندستان چاهي مشرق جي ٻين واپارين ني روسي سرڪار چڱو چوکو ڌيان تي ڏنو ۽ کين هر قسم جون سهوليتون ڏيئي ڇڏيون هئائين. هن لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيل هيون جن ۾ هو آزاد شخصي جيوت ۾ رهي سگهن ته پنهنجون واپاري ڪارگذاريون به هلائي سگهن. سندن مسئلن ۾ سندن ئي قاعدن قانونن موجب کين انصاف ڏنو ويو ٿي ۽ کين پنهنجا ڌرمي ڪم ڪاريون هلائڻ لاءِ هر ڪا آزادي مليل هئي. ١٣ اپريل ١٧٤٤ جو روسي سينٽ جو قاعدو هن ريت هو ته آرمينن، هندستانين، بخارين، تاتارن، جمبيانن ۽ انگريزن کي حق مليل هوندا هئا ته کين انصاف سندن قانون پٽاندر ئي ڏنو ويندو ۽ پنهنجي ڌرم لاءِ اهائي آزادي برقرار رکي ويندي، جيڪا اڳ ۾ مليل هئن. کين پنهنجن نيمن موجب پرارٿنا ڪرڻ ڏني ويندي پر ٻين کي ڌرم بدلائڻ لاءِ مجبور ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. نوڪرين ۾ ساڻن ڪو به ڀيد ڀاءُ نه رکيو ويندو.

جي- فاسٽر، جو ١٨٩٠ع ڌاري استراخان ۾ حاضر هو، اهو هتان هندستانين جي حالت هن طرح بيان ٿو ڪري- ”هن شهر ۾ هندستانين جي سٺي حالت آهي- ڪين ايتري ته ڌرمي آزادي ملي آهي، جيتري هندستان جي ڪنهن به شهر ۾ هوندي اٿن- مسافرخانو جو سندن قبضي ۾ ڏنو ويو آهي، ان ۾ هو پنهنجون ڌرمي پوڄائون پشتائون اٿين پيا ڪري سگهن جو ڪنهن به ڪرستان کي عجب نٿو لڳي- انڪري هو سچيءَ دل سان روسي سرڪار جا شڪرگذار آهن ۽ پرشيا جي سرڪار جي پيٽ پيا ڪن ته اتي ڪيئن فقط هيچ ۽ مذهبي پاڳلپڻي سبب سندن بي عزتي ڪئي ويندي ٿي ۽ ڪين گهٽ نظر سان ڏٺو ويو ٿو-“

ارڙهين صديءَ جي جاترين جي احوالن مان به خبر پوي ٿي ته استراخان ۾ هندستانين کي راجنيتي چاهي فوجي دٻاءَ کان بلڪل ٿي پري رکيو ويو هو، ۽ جان ۽ مال جي سلامتيءَ جو بچاءُ، قانون پوريءَ طرح ٿي ڪيو- لوئن پوٽوتسڪي جنهنجو ١٧٩٧ع ۾ استراخان ۾ وڃڻ ٿيو، ان هندستاني واپارين بابت لکيو آهي ته ”اڳي ته هو ڏاڍي چاهه مان پنهنجي ملڪ موٽي ويندا هئا ۽ پنهنجي سرگواس ٿيل عزيزن جي هاڻي پرواهه ڪرڻ لاءِ هندستان ڏانهن رواني ڪندا هئا، پر هاڻي هو شخصي سلامتيءَ جو ملهه سڃاڻڻ لڳا آهن ۽ موٽڪي

ٻہ ماڻهو ڪنيالال ۽ موهنداس سڏهن، جن الـــي
جايون ٻہ جوڙايون آهن.“

استرخان جا ڀارتي واپاري صرف ريشمي، سوٽي ۽
اوني ڪپڙي ۽ هيرن جواهرن وغيره جو ڌنڌو ڪندا
هئا. اي. شپرڪ جنهن هنن واپـارين جي تاريخ لکي
آهي، سو چوي ٿو، ”مشڪل سان ڪنهن ڪو ڪارخانو
کوليو هوندو يا ساموندي واپار يا ٻيو ڪو شروع ڪيو
هوندو.“ هڪ اُتمچند موهنداس ٿـي هو جنهن
سامونـڊي واپار (مڇين جي) ۾ دلچسپي ورتي هئي.
چونتا ٿـــ هڪ شخص اوبيوسڪي کي ماسڪو مان
لکت آئـــي تہ ڪپڙي اُٺـڻ لاءِ هندستاني ڪاريگر
گهرجن. ان لاءِ استراخان ۾ ڪي بہ ڪاريگر نہ مليس.
ان ڪم لاءِ کيس هندستان اچڻو پيو.

استراخان ۾ هندستاني واپارين کانسواءِ هندستاني
ٻيراڳي پڻ رهندا هئا. جيڪي ويشنوَ مت جا هئا.
۽ ڪرشن جا پوڄاري هئا. هو شاهوڪاري دان تـــي
رهندا هئا. هو قومي ساهت جي روايتن جي سنڀال
ڪندا هئا. هو پاڻ دستخط لکندا هئا ۽ ٻين دستخطن
جا نقل ڪندا هئا. اڪثر هنن ٻيراڳين جي ڪري ئي
اهو جهونو ڪوتا جو خزانو زنده رهيو.*

---

* “Indian Manuscripts written in Russian ”- by V. M. Beskrovny in “Iscus” of 1957

استراخان جي هندستانين جي ڪتابن جو پهريون پهرين ذڪر سوويت ڪوجنيڪ پي - ايس - پالاز ڪيو. هنن واپارين ۽ بيواپگين جي لکيل ڪتابن جي ٻولي هندي ڇپي وڃي ٿي.

جون تسا ته ١٩ صديءَ ۾ استراخان جي واپاري اهميت گهٽجي وڃڻ ڪري هندستاني واپارين جي هيءَ ڪالوني ٽٽجي ويئي. ان هوندي به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هندستاني واپاري، خاص ڪري سنڌي، رشيا جي ايشيائي ريپبلڪن ۾ ١٩١٧ع واري انقلاب ڪان پوءِ به موجود نظر پئي آيا. جڏهن هندستاني اڳوان ايم-اين-راءِ جيڪو ان وقت رشيا ۾ هو ۽ انٽر واشٽري ڪميونسٽ هلچل جو هڪ اڳوان هو ۽ لينن ٽرانسڪي ۽ استالن جو همڪار هو، پنهنجين يادگارين جي ڪتاب ۾ به چيو آهي ته "وچ ايشيا ۾ هندستاني واپاري گهڻو ڪري هندو سنڌي هئا، جنڪي شڪارپوري سڏيو ٿي ويو."*

## روسي جاتري

هنن هندستاني واپارين ۽ جاترين وانگر روسي به هئا جيڪي هيلتائين موجود رڪارڊ مطابق ١٥ صدي ڪان هندستان ۾ پئي آيا. هو فقط واپاري لحاظ کان نه پر هندستان کي سمجهڻ ۽ ان سان دوستاڻا ناتا وڌائڻ لاءِ به لـي آيا. ڪي ته ٺهدي ٻجهڻ ڪري غلام ٿي

* Memoirs-by M. N. Roy.

هندستان آيا.

پهريون روسي جاتري جيڪو ١٤٦٩ع ۾ ڀارت آيو سو هو **آفانسي نڪيٽن**. انوقت واسڪو ڊيگاما اڃا هندستان اچڻ جا سپنا ڏسي پيو لهندو هوندو. ان هوندي به اڃا ٽائين چيو ويندو آهي ته ڀارت ۾ آيل واسڪو ڊيگامائي پهريون يورپي جاتري هو. نڪيٽن کي واپاري ويچار ڪانسواءِ هندستان ڏسڻ جي هرکر ۽ بهادر دل ٿي ڪيس ايڏي لنبي سفر لاءِ اتساهت ڪيو.

نڪيٽين هندستان ۾ چار سال ڪن رهيو. ان مان گهڻو وقت وڄئه نگر ۽ بهمني بادشاهت ۾ ڪاٽيائين. هن جيڪو ڪجهه ڏٺو، ان جو سچو صحيح احوال پنهنجي ڪتاب "ٽن سمنڊن جي پار جو سفر" ۾ ڏنو آهي، جيڪو ٻين يورپي جاترين کان نرالو آهي. هنجو نوع همدرداڻو آهي. اهو ڪتاب ٻين يورپي ٻولين ۾ پڻ ترجمو ٿيو.

١٦٥٨ع ۾ جڏهن زار جو خزانو سمارا مان سارالون پئي آندو ويو تڏهن انهنجي پهريدارن تي ڪلميوڪس جي فوج حملو ڪيو. هڪ روسي **پيوٽر ٽرينوگن** زخمي ٿيو ۽ قيد ڪيو ويو. هنکي ڪيوا ۾ ۽ پوءِ بخارا ۾ غلام ڪري وڪيو ويو. ١٦٦٠ يا ١٦٧٠ع ۾ هنکي بخارا جي خان هندستان جي بادشاهه وٽ سفارت سان

گڏ موڪليو. هنکي ٻين سوکڙين ٻاکڙين سان گڏ ڏهه روسي غلام ٻيا ڏنائين.

پيوٽر هندستان ۾ ڏهه سال کن رهيو ۽ ڪافي دوستي وڌايائين. آخر ۾ اورنگزيب بادشاهه هنجي علم جو قدر ڪري کيس آزاد ڪيو. هو ١٦٩٠ع ۾ ماسڪو ۾ موٽي آيو.

هڪ ٻئي روسي رولاڪ جو هندستاني سفر به ڏاڍو دلچسپ آهي. ١٧٧٤ع ۾ رشيا جي ايشيائي حصي جي اورينبرگ ميدانن ۾ گڙٻڙ پيدا ٿي- جنهنکي منهن ڏيڻ لاءِ روسي فوج موڪلي ويئي، پر اُنکي ڪاميابي نه ملي. جيڪي سپاهي بچيا تن سارجنٽ فليپ يفريموف جي اڳوانيءَ ۾ ٻهادريءَ ٿائين دشمن جو مقابلو ڪيو. پر هو زخمي ٿي قيد ڪيا ويا. ليڪن راتو رات فليپ پنهنجا ۽ پنهنجن سائين جا رسا ڪپي، آزاد ڪيو. هو اُتان ڀڄي نڪتا. اڃا ٿورو اڳتي وڌيا ته هڪ رولاڪن جي ٽوليءَ قيد ڪين. يفريموف کي بخارا ۾ غلام ڪري وڪيو ويو. اُن وقت هنجي عمر فقط ٢٤ سال هئي. هنکي بخارا جي حاڪم دانيار بيگ جي نوڪريءَ ۾ رکيو ويو. حاڪم هنجي جنگي آزمودي ۽ بهادريءَ کي ڏسي کيس ڪپتان بڻايو. هنکي حاڪم جي لاءِ اُلي ڪيترين ننڍين ننڍين جنگين ۾ وڙهڻو پيو. هو مشرقي ٻوليون به سکيو. حاڪم راضي ٿي کيس اڃا به

وڏي ڦوجي عهدي جي آڻ ڪئي، بشرطيڪ هو پهنجو مذهب مٽائي اسلام قبولي، ليڪن هن صفا انڪار ڪيو. انڪري هنکي ڏاڍا عذاب ڏنا ويا، جي هن صبر سان سنا. حاڪم نيٺ عذاب بند ڪرائي، هنکي زمين ۽ اوچن ڪپڙن جون لب لاهون ڏنيون. جي هن مجبور ٿي قبوليون. پر يفريموف سڄو وقت ڀڄڻ جي موقعي جي انتظار ۾ رهيو. هنکي اهڙو موقعو جلد هٿ آيو. ڪيوا جي ايراضيءَ ۾ جنگ ڇڙي ته هن هڪ واپارين جي ٽوليءَ سان تبيت ۽ يارڪ جي رستي رشيا موٽي وڃڻ جي سٽ سٽي. هو واپارين جي پوشاڪ پهري نڪري پيو. ڪم نصيبا هنجا ۽ سائي رستي ۾ ٽي مري ويا. ته به هن همت نه هاري. هو ڪاراڪورم جي جابلو رستي ڪان تيندو، اڳتي يون ٽڳڙيون پهريندڙ درويش جو ويس ڪري ڪشمير پهتو. هو پهريون يورپي هو، جيڪو اُنوقت جي جاتل وڏي ۾ وڏي پهاڙ (جيڪو سمنڊ ڪان ساڍا ٥ ڪلوميٽر مٿي هو) جي رستي مان لنگهيو هو.

هندستان جي مهمانواز ماڻهن ۽ نعمت بخش قدرت جي هوندي به يفريموف کي ڪافي مشڪلات درپيش آئي - انگريزي عملدار هن سان بي رحميءَ سان پيش آيا. هنکي قيد ڪري نوڪريءَ ۾ رکيائون. ليڪن هو انگريزي عمدار کي، راڻي ڪئٿرائين ٻئين جي مائٽ

ڪائونٽ چرنيشوف جو پاٽڪي مائٽ ٻڌائي ٿي ويو. هو ڪلڪتي مان ٿيندو لنڊن ۾ ٢٦-آگسٽ ١٧٨٤ تي واپس پهتو ۽ ٥ سيپٽمبر تي سينٽ پيٽرسبرگ پهتو.

يفريموف ١٧٨٦ ۾ هڪ ڪتاب لکيو جنهنجو نالو آهي، "بخارا، کيوا، پرشيا ۽ ڀارت ۾ نو سال سفر." ڪتاب ڏاڍو ڪامياب ويو، چو ته هن جيڪا خبرچار ڏني هئي سا ان وقت ڏاڍي نئين ۽ نرالي هئي. هن جي جيئري ئي ٢٥ سالن اندر ان ڪتاب جا ٽي ڇاپا شايع ٿيا. ان وقت اهڙو ٻيو مثال ورلي ٿيو هو.*

ٻيو جاتري جيڪو ١٨ صديءَ ۾ هندستان ۾ آيو، سو هو، **گيراسم ليبيديف**. هن ١٧٨٥ ۾ پهريـــن مدراس ۾ اچي خيما کوڙيا. هنکي ڀارتي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جي چاهنا ئي ڀارت وٺي آئي. مدراس ۾ وايولن وڄائڻ جو ڪم ڪندو هو. باقي جيڪو وقت بچندو هوس، سو تامل ٻولي سکڻ ۽ تاريخ جي اڀياس ۾ صرف ڪندو هو. گيراسم پهريون روسي هو جو تامل ٻولي سکيو هو.

هن هندستان جا پراچين لفظ سکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان ڏس ۾ سندس ڪوشش اسڦل ٿي چو ته انلاءِ سنسڪرت جي پوري ڄاڻ کپندي هئي. هو سنسڪرت سکڻ لاءِ ١٧٨٧ ۾ ڪلڪتي ڏانهن هليو ويو.

---

* "Russian Traveller in India in 18th Century." by V. Groshev in Soviet Land of January 1961.

ڏاڍيءَ مشڪلات سان هو هڪڙو بنگالي هٿ ڪري سگهيو جو ڪيس سنسڪرت سيکارڻ لاءِ راضي ٿيو. ٻه ڪلڪتي مڇهه ئي سندس ڪلاڪار ۽ ڪاري،، ڪرتا هئڻ جي ڏات پوريءَ طرح ظاهر ٿي سگهي. هن ڪوشش ورتي جئن اتي هڪ اهڙو ٿيٽر برپا ٿئي جو رشين يا اولهه يورپ جي ڍنگ جو هجي. يورپ جا ڪيترا ناٽڪ بنگاليءَ ۾ ترجمو ڪري ورتائين ۽ انهن کي اسٽيج تي آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

١٧٩٥ ۾ هڪڙي انگريزي ليکڪ ڊريل جو هڪڙو ناٽڪ 'مڪر' پيش ڪيائين. بنگال جي جيوت، رتين رسمن ۽ ٻوليءَ جي جاڻ سبب هو ناٽڪ کي بنگالين جي سمجهه ۾ اچڻ جهڙو بڻائي سگهيو ۽ کين پسند ڪرائي سگهيو. ان سان گڏ جو موسيقي ڏيڻو هو سو گهڻو ڪري هندستاني سازن تي هندستاني ڳوڻاڻن جو ئي وڄايل هو، ليڪن رچيل گيراسم جو هو. سڄو نظارو به ڪلڪتي جو ئي کنيل هو ۽ ڪردارن جي ٻولي به بنگالي هئي. ڀارت چندر راءِ نالي هڪڙو بنگالي شاعر هو جنهن گيتن جا لفظ لکيا. انهن سڀني ڳالهين سبب ئي ناٽڪ ڪامياب ويو. ڪلڪتي جي رهاڪن کي هن عجيب ناٽڪ ڏاڍو مزو ڏنو. هن سندس تاهه جوڙ جي ڏات ۽ ڪلاڪارن جي اداڪاري لاءِ گهڻو داد ڏنو. ٽي سؤ جڻن جو هال ناٽڪ جي شائقن کي ماپائي نه پيو سگهي.

ليڪن ايتري ڪاميابيءَ هوندي به، فقط ٻه ڀيرا هيءُ
ناٽڪ ڪيو ويو. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي هن ناٽڪ
جي ڪاميابيءَ، ٿيٽر جي قائم ٿيڻ ۽ بنگالي ٻوليءَ ۾
ناٽڪ ٿيڻ جي ڳالهين ڏاڍو ڇيڙايو. هن نه رڳو اهو
قومي ٿيٽر بند ڪرائي ڇڏيو، پر هو انهيءَ فرلت
ڪرڻ ۾ به ڪين ڪتا. ڪنهن طرح هندستاني ملازمن
وچي ڪجهه باهه لي چنبو وڌو. ڪمپنيءَ جي آفيسرن
گيراسم جي حياتي وبال ڪري ڇڏي ۽ مٿس ڳاريون ۽
ٺهمتن جو ڏوڙيو ڪٽي وسايائون. ڪيترن مقدمن ۾ به ڪٽي
اڙايائونس. انهن سڀني ڳالهين جو نتيجو اهو نڪتو جو
گيراسم کي پنهنجو ٿيٽر نيلام ڪرڻو پيو، جو برٽش
بينڪشاهي ڪورٽ اهڙو فيصلو ڏنو.

١٨٠١ ۾ گيراسم ليبيديف پنهنجي ملڪ رشيا موٽي
آيو، جتي هن کي هندستان جي ٻولين ۽ سڀيتا جي
ڄاڻ ڏيندو رهيو. ساڳئي ئي سال بنگالي گرامر جو
جو هڪڙو ڪتاب لکيائين. ٽئين سال ڪانپور هڪڙي
هندستاني ٽائيپ ٺهرايائين ۽ هڪڙو ڇپائيءَ جو دڪان
به کوليائين. پنهنجي ان دڪان ۾ ١٨٠٥ ۾ هڪڙو ڪتاب
ڇپيائين جنهنجو نالو هو ”پورب هندستان جي برهمڻن
جي ڌرمي وڌين ۽ عام رواجن بابت بي طرفدار سوچ
ويچار.“ اهو هندستانين لاءِ ڏاڍي همدرديءَ سان
لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ هندستانين جي رهڻين رسمن

۽ رهڻ بابت تفصيلوار بيان ڏنل آهي ۽ ملڪ جي جاگرافي ۽ مالي حالت بابت به بيان ڏنل آهي. انهر ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي مفادن ۽ هندستان جا ٻين ملڪن سان واپاري ناتا پڻ ڏيکاريل آهن. پڇاڙيءَ ۾ منجهس هندستان ۽ رشيا وچ واپار وڌائڻ لاءِ اپيل ڪيل آهي.

ڪجھ وقت پوءِ وري ليبيديف هڪڙو ٻيو ڪتاب ظاهر ڪيو جنهن ۾ هندستان جي حساب وديا جا نتو ۽ بنگالي ٻوليءَ جو سولائيءَ سان اڀياس ڪرڻ لاءِ باب ڏنل هئا. بنگالي رشين ڊڪشنري ڇاپڻ جي به رٿا هئس. مگر اهي سڀ رٿون عمل ۾ نه اچي سگهيون، جو ۱۵ جولاءِ ۱۸۱۷ ۾ ٦٨ سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو. *

گيراسم جو هندستان بابت همدرداڻو رخ، سنڌس اوڀر هندستان جي برهمڻن تي لکيل ڪتاب جي مهاڳ ۽ پڇاڙيءَ مان پڌرو آهي. مهاڳ ۾ لکيتو. "هندستان جو اڀياس ڪرڻ تمام اهم آهي. ان جي آسودگي ۽ شاهوڪاري (جن تي فقط يورپ کي نه پر سڄي دنيا کي رشڪ ٿئي ٿو) کانسواءِ اهو دنيا جو اهو حصو آهي، جنهن مان ٿي تاريخ نويسن جي ثبوت موجب، پهرين پهرين انسان ذات ٿهلي هئي." ۽ "قومي ٻولي سنسڪرت جي، نه رڳو ايشيائي ٻولين پر يورپي ٻولين سان پڻ

---

* Tass Bulletin dated 23/2/1960

مٿاڇري آهي.“ ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ لکيائين،
”هندستانين جي رسمن رواجن ۽ چال چلگت مان
صاف ظاهر آهي ته هنن ۾ ذرو به جهنگليپڻو ڪونهي.
اٿلو هندستانين کي جهنگلي جانورن کان به وڌيڪ
بي رحميءَ سان وهنوار ڪندڙن کي اهڙو ڏوراپو
ڏيڻ جو حق آهي.“ گيراسم هنن بيتڪشاهيءَ جي
پوڄارين تي تهمت هڻي ته هو ”مغرور انسان، پنهنجي
پيٽ جي لامحدود پياس اُجهائڻ لاءِ سڄي جون سڄون
حڪومتون ڳڙڪائي، انسان ذات لاءِ تباهي آڻي
رهيا آهن.“ *

## روسي جاتري سنڌ ۾

۱۸۳۵ع ۾ يا انهي ڌڳهه ويجهو ٿي، ماسڪو جي
هڪ پبلشر کي **عبدالله عامروف** جو ڇڏيل هڪ
دستخط مليو. عامروف ان ڳالهه کان ويهه سال اڳي،
ڪي سال هندستان ۾ گهاريا هئا. اهو دستخط چئن جي
ڪٽي ته سنڌس سفرنامو هو. پر اهو **پوني** جو ذڪر
شروع ڪندي اڌ ۾ ئي ختم ڪيل آهي. پبلشر هن
سفرنامي ۾ ڏاڍي دلچسپي ورتي ۽ گم ٿيل ٽڪرن لاءِ
گهڻي تلاشي ڪيائين پر ڪامياب نه ٿيو. اهو دستخط
آخر ۱۸۴۵ع ۾ هڪ روسي اخبار ۾ شايع ٿيو. هن مان

---

* "Russian Relations with India through the Ages" by L. S. Gamoyounov in "Iscus" No. 4 of 1957.

پٽو پوي ٿو ته بخارا جي هڪ جيل مان ڇٽي نڪرڻ کان پوءِ عامروف هن سفر جي شروعات ڪئي هئي. هو آمو درياه کي چارجو شهر وٽ پار ڪري، مرو شهر جي ڏکڻ طرف ويو. هي شهر ان رستي تي هو جنهن تان هندستاني واپاري ڪپڙي ۽ قيمتي گرم مصالحن جو سامان، ۽ روسي واپاري ڪٽڪ، ڪپڙو ۽ ٻيو اسباب کڻي لنگهندا هئا. عامروف به انهيءَ پراڻي تجارتي رستي، جيڪو افغانستان، هيرات ۽ قلات کان هندستان ڏانهن تي ويو، تنهن تان هندستان هليو آيو.

**عامروف سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جو ذڪر ڪندي، هنن جي ڏاڍي ساراهه ڪئي آهي.** انهن سڀني سنڌس مکاميلو سنڌو درياءَ جي ڪناري واري هڪڙي شهر **شڪارپور** ۾ ٿيو. سنڌس چوڻ آهي ته "... جنگ وقت هي ماڻهو ڏاڍا همت ۽ حوصلي وارا ٿين ٿا ۽ پاڻ ۾ صلح شانتيءَ ۾ رهن." سنڌو درياءَ ۾ سفر ڪندي هو **حيدرآباد** جي شهر ۾ پهتو. پوءِ ايرندي طرف هليو ويو. ٿر ۽ ريگستان پار ڪري راجپوتانا ۾ داخل ٿيو. تمام جهونن تجارتي رستن تان هلندو تي ويو......

عامروف شهرن جا شهر، رونقدار، بازارون، واڏا شاهي مندر ۽ سبز باغات سان گهيريل محلات ڏٺا.

جيسلمير جوڌپور، جئپور دهلي ۽ سڀني کان پهاڙيءَ ۾ آگرو شهر به ڏٺائين. اتي ڏاڍي تپرس مان

تاجمحل کي ڏسندو رهيو. هو لکي ٿو، ”بي مثال قديم ڪريملن وانگرا شهر جي چاليءَ تي ڪٽڙي هن عمارت کي بيشڪ سونهن ۽ چمڪ ڏني آهي. انهن وڏيڪ حسين چيز مون هن سفر ۾ نه ڏٺي آهي.“

هندستان ۾ عام روف جو ڏيان رکو مندرن ۽ محلن تي ئي نه هو. ڪيترائي ڀيرا ڪيس هندستاني عوام سان انگريزي سرڪار جي ڪيل سلوڪ کي به اکين ڏٺو پيو. ڪيترن ئي اهڙن ڳوٺن ۽ شهرن مان ڪيس لنگهڻو پوندو هو، جيڪي ساڙيا جلايا ويا هئا يا تباهه ٿيل هئا. گنگا جي ڪناري ڪلڪتي جي سفر ڪندي هو هندستان جي دستڪاري ۽ هنر جي آڳاٽي مرڪز ڊاڪا ۾ به ويو. پوءِ وري پنجاب واپس آيو ۽ خيبر جو درو پار ڪري ڪابل پهتو. ان کان پوءِ وري هو ڏکڻ هندستان جي سير تي روانو ٿيو.

جڏهن هو پوني پهتو، تڏهن وچ ايشيا، افغانستان ۽ هندستان جي رستن تي هلندي هو ٻارهن هزار ڪلوميٽرن جو مفاصلو طئه ڪري چڪو هو! هتان ڪاڏهن هو ڪيڏانهن ويو؟ هو پوني کان روانو نه ٿيو... ليڪن هتي اهو دسخط اچي ماٺ تي ويو هو! ان ڪاڏهن عامروف جو چيا ٿيو، ان باري ۾ ڪيترن کوجنيڪن جي کوجنا بعد معلوم ٿيو نه هو ١٨٠٥ع ۾ پنهنجي وطن واپس پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. هيڪي اورينبرگ جي

سرحدي ڪميشن ۾ ترجمان ڪري مقرر ڪيو ويو. ڪجهه سال ڪانپور ۾ هو گذاري ويو هو.†

هن سفرنامي جو هي احوال ڪهڙي سندي ۽ هندي جي روسين لاءِ رفاقت ۽ محبت جو جذبو نه پيدا ڪندو؟

ههڙو ئي پيارو بيو سفرنامو آهي شهزادي **اي-ڊي سالٽيڪوف** جو جيڪو نه فقط گهومو سفير هو پر هڪ اعليٰ چترڪار به هو. هن به **حيدرآباد سنڌ** ۾ پير گهمايا هئا.

سالٽيڪوف هڪ ننڍو ڪتاب "هندستان بابت خط" لکيو جنهن ۾ هندستان بابت ڪافي سهڻو احوال ڏنو اٿس. اهو اهڙو ته اهم آهي، جو ڪميونزم جي جنم داتا **ڪارل مارڪس** انکي حوالي طور ڪم آندو. مارڪس ٨-آگسٽ ۱۸۵۳ تي آمريڪي اخبار "نيويارڪ ڊيلي ٽربيون" ۾ "هندستان ۾ انگريزي راڄ جا آئيندي جا نتيجا" ليک ۾ لکيو هو، "... اسين ان وڏي ۽ دلچسپ ديس جي وري جاڳڻ جو پوري وشواس سان انتظار ڪري سگهون ٿا، جنهن ملڪ جا ماڻهو شاندار طبقي ڪانوني گهٽ ۾ گهٽ درجي وارن ماڻهن تائين، شهزادي سالٽيڪوف جي چوڻ موجب 'اِٽلين کان به وڌيڪ سياڻا ۽ هوشيار آهن.' "

---

† پڙهو اُردو سوويت ديش مخزن ۾ "ڀولا هوا سفر" از خالقين.

سالٽيڪوف هندستان ۾ ١٨٤١ ۾ آيو ۽ پنھنجو سفر بمبئي کان شروع ڪيو. اھو ٻن سالن ۾ پورو ڪيائين. ھن، سفر ۾ ھارين نارين، راجائن ۽ رنڪن جا ڪيترائي چتر چٽيا. ھو ڪيترائي شھر گھميو ۽ پراچين يادگار ڏٺائين. ليڪن رڳا اُھي نه. ھنجو ماٺھن ۾ وڌيڪ چاھ ھو جن اھڙا اُعليٰ يادگار ڪڙا ڪيا ھئا.

ھنکي پھرين نظر سان ڪلڪتو روسي راڄڌاني سينٽ پيٽرسبرگ وانگر لڳو. ھو دھليءَ ۾ ويو ته آگرو بہ ڏٺائين. تاج محل بابت خوب ساراھ ڪئي اٿس. جمع مسجد، موتي مسجد ۽ قطب منار بہ کيس گھٽ نہ موھيو. ھو اُمرتسر ٿيندو لاھور ويو، جتي مھاراجا رڻجيت سنگھ جي پٽ شيرسنگھ سان گڏيو جنھن شاليمار باغ ۾ ھنجي خوب آجيان ڪئي. شاليمار باغ ھنکي پئرس جي ”ورسيلس“ وانگر لڳا. اونھاري ۾ سالٽيڪوف مسوري بہ گھميو ھو. جمنوتري ۽ گنگوتري تائين ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويھي چتر ٺھي ڪيائين. سملي ۾ ٿڌڪار ۾ ھو اھڙو تہ ٻوڏ ۾ پرجي ويو جو ھو جبلن تي سڌون پائيندو ھو. انھن جبلن تان لھندي ھو فيروزپور ويو. اُتان بيڙيءَ رستي **حيدرآباد سنڌ** آيو، جتان وري بمبئي اچي پنھنجي وطن وريو.

١٨٤٥ع ۾ سالٽيڪوف وري ٻيو دفعو ھندستان آيو ”جنھنڪي دل وجان سان پيار ڏئي ڪيا.“ ھن دفعي

هن ايلورا جي غفائن جو درشن ڪيو. انهن بابت پنهنجن دوستن کي لکيائين ته اهي لازوال حسن جا مجسما آهن. اسانجي اعليٰ دوست جي ناتي هن انگريزن جا خوب چوڏا لاٿا، جيڪي ”هتي (هندستان ۾) ان هرڪنهن شيء کي بڇان نسان ڏسن ٿا، جنهنجون پاڙون سندن ملڪ ۾ ناهن ۽ جيڪا سندن رسمن رواجن کان نرالي آهي...“ *

سالٽيڪوف کي هندستان لاء ايڏو پيار هو جو هو پئرس ۾ قهليل فئشن جي اُبتڙ هندستاني ڍلو چوغو پائي هلڻ پسند ڪندو هو. هنکي چيو ئي ”روسي-هندستاني“ ويندو هو. †

١٩ صديء ۾ ته ڪيترائي روسي جاتري هندستان آيا جن کي هندستان ۾ انگريزن جي لوٽ کسوٽ ڏسي سامراجين لاء ڏاڍي نفرت ۽ هندستانين لاء همدردي ٿي. ان صديء ۾ پهريون روسي جاتري هو پي - آء - پشينو. هو ڀارت ۾ ٻه دفعا ١٨٧٣ع ۾ آيو. هو روسي جاگرافيڪل سوسائٽيء جو ميمبر هو. هن پڻ هندستان بابت ڪتاب لکيو جنهنجو نالو آهي ”هندستان منجهان“. ان ڪتاب ۾ انگريزن جي خوب چنڊري لاٿي

* See " From History of Russian-Indian Contacts" in Soviet Land.

† "A Russian in India"—by V. Vladimirovo in Tass bulletin.

اٿس. هڪ هنڌ لکيو اٿس، ”سڄي دنيا ۾ توهان
کي اهڙو مغرور انسان، جيڪو پاڻ کي ڪا چيز سمجهندو
هجي، ٻيو ڪونه ملندو جهڙو هندستان جو گورو انگريز!“

اهڙو ئي ساڳيو ذڪر هڪ ٻئي روسي جاتري
آء. پي. مناييف پڻ ڪيو آهي، جيڪو هندستان ۾
ٽي دفعا آيو- ١٨٧۴، ١٨٨٠ ۽ ١٨٨٥ع ۾.

هن ٢٢- ڊسمبر ١٨٨٥ع تي لکيو، ”ڏيهي ماڻهو
پنهنجي ناراضپي جي اظهار (انگريزن خلاف) جا پترا
ڳوٺن ۾ موڪلي رهيا آهن جتي هاري وڻن هيٺان گڏجي
پڙهندا ۽ ٻڌندا آهن. اڳ ۾ جتي مهاڀارت جي ڪٿا
ٻڌندا هئا، اُتي اڄ راجنيتي پترا ٻڌندا آهن.“

مناييف جو ڀارت اچڻ جو خاص مقصد هو ڀارتي
ٻولين ۽ ماڻهن جي وهنوارن ويچارن جو اڀياس ڪرڻ.
هو سنسڪرت، پراڪرت، پالي ۽ جديد ڀارتي ٻولين
جو هڪ اعليٰ ماهر هو. هن پاليءَ جو جيڪو گرامر لکيو
سو انگريزي ۽ فرينچ ٻولين ۾ به ترجمو ٿيو ته هندستان
۾ پڻ اختياريءَ طور استعمال ڪيو ويو. هن اٽڪل ١٣٠
ڪتاب لکيا جن ۾ هي به هئا- ”پراچين سمي ۾ هندستان
بابت روسي ويچار،“ ”قديم هندستان“ ”هندستان ۽
سيلان بابت خاڪا“ ”هڪ روسيءَ جو سفرنامو.“ چون
ٿا ته مشهور بنگالي ناول نويس بنڪم چندر کيس
پنهنجا ڪجهه ڪتاب ڀيٽ طور ڏنا هئا.

معاهدي جي احوال مان پتو پوي ٿو تہ هندستانين کي انگريزي راڄ خلاف ايڏي حقارت ۽ روسين لاءِ ايڏي محبت هئي ھو هندستان ۾ روسي ڪاھہ جي ڪلي آجيان ڪرڻ لاءِ تيار هئا. هو لکيٿو ته "مون هندستانين واتان اها خاطري پئي ٻڌي آهي تہ ڀارت ۾ رشيا جي ڪاهہ وقت شاهي نہ پي آرام آدم روسين سان ئي ساٿ ڏيندو." *

ڀارت لاءِ نہ فقط روسي واپاري، ودوان يا ياشا وگيانين کي قرب هو، پر روسي ڪلاڪار پڻ اکين چکن تي پيا هئا. ڀارت ۾ اهڙا چار ڪلاڪار آيا. وي- وي- ويريشچاگن، اين- اين ڪزاگن، اين-اين-گرسيڊڪو، اين- ايس- سموڪش. انهن مان پهريون جيڪو هڪ اعلى چترڪار وي- وي- ويريشچاڳن هو، ڀارت ۾ ٻہ دفعا آيو- ١٨٧٤ ۽ ١٨٨٢ع ۾. هن جا چتر خاص ڪري ١٨٥٧ع واري آزاديءَ جي جنگ بابت، ڏاڍا مقبول آهن. انهن مان ڪي اڄ بہ ڪلڪتي ۽ ليننگراڊ ميوزم ۾ رکيل آهن.

هنجو هڪ جڳ مشهور چتر آهي "ڀارت ۾ انگريزن طرفان ڏنل ڦاسيون." هن چتر ۾ ڪلاڪار انگريزن خلاف ناماري سکن جي کيل بغاوت جي اڳوانن کي ڏنل ڦاسين جو چٽ چٽيو آهي. هن ڏيکاريو آهي تہ ڪيئن هنن ديش ڀڳتن کي توپن جي منهن سان ٻڌي گولين

* "Bharat-Rus"–by P. M. Kemp.

ساڻ اُڏايو ٿو وڃي ته ۽ هنن جي ڇهري مان سرفروشي* جي تمنا صاف پيئي لڙڪي. چترڪار انگريزن جي گهمنڊ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو، ”هڪ روسي* لاءِ اهو دل ڌهڪائيندڙ نظارو هو ته ڪيئن نه انگريز، ڪيڏي* مغروري ۽ حقارت سان پنهنجن ساٿي ساهوارن سان هلت ٿا ڪن، ڄڻ هو ڪي سندن پيرن جي ڌوڙ آهن.“*

هڪ ٻئي چتر ۾ ويريشچاگن وري زبردست طنز کان ڪم ورتو آهي. ان جو سرو ڏنو اٿس، ”ايندڙ پارٽي شهنشاهه.“ ان چتر لئي جيترو گهرائي سان نهارجي ٿو اوترو ئي چترڪار جو مطلب بهتر نموني سمجهي سگهجي ٿو. چترڪار پنهنجي هڪ نقاد دوست استتسوف کي هڪ خط ۾ هن چتر بابت لکيو، ”مونکي پرنس آف ويلس ڪان وٺي اسان جي شهنشاهه تائين، شهزادن جي قطارن جي قطارن جا چتر چٽڻ لاءِ چيو ويندو، ليڪن مونکي اهو مٺو پوندو ته مان اهو ڪڍهن به سمجهي نه سگهندس ته انهن سڀني شهزادن مان ڪير وڏيڪ ۾ وڏيڪ لڳو آهي يا ڪير وڌيڪ ۾ وڌيڪ پيان ڏيارڻيندڙ آهي......“ هي بيان ٻڌائي ٿو ته ڪيئن لوڪشاهي پسند روسين جي دلين ۾ انگريزي سلطنتشاهي ۽ روسي زار شاهي، ٻنهي لاءِ هڪ جهڙو ڌڪار ڀريل

---

* New Age Monthly of August 1957.

هـو* اهو سڄيءَ وطن دوستيءَ ۽ انسان دوستيءَ جو جذبو آهي، جيڪو جتي به ظلم ٿيندو ڏسي ٿو ته ان خلاف هڪدم پڙڪي اٿي ٿو. پوءِ حق جو آواز بلند ٿيو وڃي. اهڙو آواز، ڀارت لاءِ رڳو روسين جهڙا دوست ئي بلند ڪري سگهن ٿا. اهو دوستيءَ جو آواز وقت گذرڻ سان وڌيڪ زوردار، وڌيڪ چٽو ۽ وڌيڪ اثردار ٿيندو ٿو وڃي ۽ ڪلچرل ۽ واپاري ڪيترن جون حدون لتاڙي زندگيءَ جي هر ڪيتر ۾ داخل ٿيندو پيو وڃي.

*"From Vereshchagin's Canvasses to Tikhonov's Verses"-by Y. Chelyshev in "Soviet Land"

# بغاوت ۽ انقلاب جي دوستي

اسانکي سوويت يونين کان جيڪا املهه ۽ املهه سوغات ملي آهي سا آهي اُن جي دوستي.

**جواهرلعل نهرو**

ڀارت ۽ روس جا، آڳاٽي ۽ وچين زماني جا سيئڪ ۽ واپاري رشتا ناتا جديد زماني ۾ به هلندا آيا آهن. البت جيستائين ڀارت ۾ انگريزي راڄ هو، تيستائين هنن ٻنهي ديسن جي جنتا جي وچ ۾ جڻ هماليه جبل جيڏي ڀت کڙي هئي، جنهن کين ويجهو اچڻ کان روڪيو پئي، ان هوندي به ان ڀت ۾ ٽنگ ڪري ٻنهي ملڪن طرفان دوستيءَ جو هٿ وڌايو ويو. جڏهن ٻنهي ملڪن ۾ هڪٻئي جي آزاديءَ جي هلچل ۽ انقلاب جي حمايت ڪرڻ مان ظاهر آهي. اها حمايت بغاوت ۽ انقلاب دوستيءَ جي ڳي کهاڻي آهي.

١٨٥٧ع واري آزاديءَ جي لڙائيءَ جي حق ۾ رشيا ۾ جيڪو آواز بلند ٿيو سو ورلي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ٿيو هوندو. ان لڙائيءَ کان اڳيئي روسين ڀارت ۾ انگريزن جي ظلم جي اوگهڙ ڪئي ۽ ڀارتين طرفان بغاوت جي اڳڪٿي ڪئي. انڪري اها بغاوت هنن لاءِ حيرت

۾ وجهندڙ نہ هئي.

اي- جي- روٽيف هڪ ليک لکيو، ”ڀارت ۾ برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڏهاءَ بابت ڪجھ راءِزني.“ ان ۾ هُن انگريزن جي ’سيمي‘ راڄ هيٺ ڀارت جي ’وڌندڙ خوشحالي‘ جي حقيقت کي بي نقاب ڪيو آهي. هن لکيو، ”ڇا اهو ملڪ سکي چئي سگهجي ٿو، جتي ماڻهو پنهنجي پيٽ پالڻ لاءِ پنهنجين ڌيئرن کي وڪڻڻ لاءِ مجبور ٿين؟ ڇا ڪو ان ملڪ کي روشن ملڪ چئي سگهي ٿو، جتي غلامي پنهنجا پير پکيڙي ويٺي آهي؟...... ان هوندي بہ اها غلامي، ان آزاديءَ کان بهتر آهي، جيڪا هو بدنصيب شخص ماڻين ٿا، جيڪي مانيءَ گيهي لاءِ ڳوٺن جا ڳوٺ، ندين جا ڪنارا، مهمان سرائون ۽ رستن جا رستا ڪيئيندا رهن ٿا.*

روس جي هڪ برک لوڪشاهي پسند مخزن ”سوورمينيڪ“ ١٨٥٤ ۾ اهڙن واقعن تي تبصرو ڪندي لکيو، ”ڀارت ۾ جيڪو اڄ تائين سرڪار جو ظلمي انتظام قائم آهي، سو خود ڀارتي جنتا جي ڪرندڙ اخلاقي حالت لاءِ جوابدار آهي.“ *

١٨٥٧ واري لڙائيءَ جون خبرون روس جي روزانين اخبارن جهڙوڪ ”ويدوموستي“ ۽ ”سنڪي- پيٽربرسڪي“

---

* "Pages from History"- by E. Prokhorov in Soviet land of April 1957.

۾ ڇوهندڙيون هيون. انهن جدا جدا طبقن تي پنهنجو پنهنجو اثر ٿيندو هو. جيڪي رجعت پسند هئا، سي انگريزن جو پاسو ڪندا هئا، پر لوڪشاهي پسند عناصر عوام جو طرف ڪندا هئا. پوين عناصرن جا رهبر پارٽي هئا مشهور ترقي پسند عالم ۽ اڳوان اين. جي. چرنيشيوسڪي ۽ اين. اي. ڊوبروليبوف جن ڪلڪتا هن هندستاني بغاوت لاءِ حمايت ظاهر ڪئي ۽ عام رايو پيدا ڪيو. چرنيشيوسڪي "سوورييمينڪ" مخزن ۾ باقاعدي ڪالم لکندو هو. ڊوبروليبوف 1857 ۾ هڪ خاص ليک لکيو، "ايسٽ انڊيا جي تاريخ ۽ هاڻوڪي حالت تي ويچار." انهيءَ ۾ هن ثابت ڪيو ته "1857 واري بغاوت ڪا اوچتو ناراضپي جو اظهار نه آهي پر اها هڪ تاريخي ضرورت آهي."

"لنڊن ٽائيمس" اخبار کي ڇيندڙي ڊوبروليبوف لکيو ته ڀارت ڪا يورپي سڀيتا خلاف بغاوت نه ڪئي آهي، جنهن سامراجي ٻچا دنيا کي پيا ٻڌائين، پر اها "انگريزن جا ان سڀيتا کي مڙهڻ جا جيڪي طريقا آهن،" ان خلاف آهي. انهن طريقن سان غلام ملڪ کي ڏهڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. اها بغاوت حقي بغاوت آهي، جيڪا ڀارت جي آئينده جي آزاديءَ جي هلچل جي وڪاس لي سٺو اثر ڪندي. ليڪن ڊوبروليبوف ڏکه وچان اهو نتيجو ڪڍيو ته "هن وقت

ڀارت جو انگريزن جي راڄ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ممڪن ڪونهي.“ ڊوبروليبوف، هندستان جي هزار سال جهوني سيپنا وارن ماڻهن جي وچ جيڪي خاص ڪمزور رشتا ناتا هئا ۽ ويڇا وروڌ هئا، سي هُن اڳيان وڏيون رنڊڪون ٿي سمجهيون. ان هوندي به هُن اهو محسوس ڪيو ته هندستان سجاڳ ٿي رهيو آهي.

هن لکيو، ”ڀارت جي شخصيت...... جنهنکي ڪيتري وقت کان پيرن هيٺان ڪچليو ويو آهي، سا نيٺ هن گڙٻڙ ذريعي ظاهر ٿي آهي. صدين کان هنن اڀاڳن انسانن کي اوچ طبقي لاءِ ٿي قرباني ڏيڻي پيئي هئي، جنهنکري هنن جي اندر ۾ جيڪا آگ دکي رهي هئي، سا هاڻي دل دهڪائيندڙ نيت ٿي پيري آهي. هن لڙائيءَ کان پوءِ هندستان لاءِ سمهي پورڻ مشڪل آهي.“ *

١٩ صديءَ جي پڇاڙيءَ وارا ويهه سال، ڀارت جي آزاديءَ جي هلچل جي اوسر وارو عرصو هو. ١٨٨٤ع ۾ روس جي اخبار ”ييسنڪ ييوروفي“ ڀارت جي اخبارن مان کي ٽڪرا ڇاپيا، جن مان سڌ پوي ٿي ته انوقت هند ۾ جدوجهد جي باهه ايترو زور سان ڀڙڪي اٿي هئي، جيترو ان کان اڳ ڪڏهن نه ڀڙڪي هئي. هڪ

---

* "Russian Society & the Indian National Uprising" in Soviet Land of May 1957.

ليڪ هن طرح آهي- ”انگريزن جي اها ملين معروڪي آهي، جو جون تائين مدراس جا ماڻهو ان ڪري بڪ پر تا بيحال ٿين ڇو ته هو سيان جو خيال ڪن ٿي ڪين، جيڪي وٽين سو چاڙهيو ڇڏين. وري جي ماڻهو دانهن تا ڪن ته ڪين هر طرح لٽيو ويو آهي ته ڪين فسادي ٺو سڏيو وڃي...“

ان وقت روسين جو پارٽي هلچل ۾ چاهه ڪو اتفاقي ڪونه هو. ٻنهي ملڪن اڳيان الهاسڪا ريه ڪڙا هئا. روس ۾ زار خلاف انقلابي هلچل وڌي رهي هئي ته پارت ۾ وري انگريزن خلاف بغاوت زور پڪڙي رهي هئي. هي ٻئي هلچلون هڪ وڏي سماجڪ ۽ قومي هلچل جو حصو هيون.

## ”نئين پارت“ جي صدي

انوقت هڪ ترقي پسند روسي پترڪار ڊي- سٽنوورن پارت بابت هڪ ڪتاب لکيو جنهن ۾ هن ٻڌايو ته ڪيئن انگريزن، پارت کي فقط ڪچي ملي جو اڏو بڻائي برطانوي سرمايداريءَ کي مال مالا ڪيو آهي پر خود پارت کي بکيو ڏکيو ۽ بيمار رکيو آهي، جتي هزارين ماڻهن جو موت هڪ دائمي قصو آهي.

هي ڪتاب نراشاوادي نگاهه کان لکيل ڪونهي. ليکڪ وشواس ظاهر ڪيو آهي ته جيڪڏهن پارت، بينڪشاهيءَ جي غلامي مان آزاد ٿيو ته پوءِ پارت کي هڪ نئون جنم ملندو ۽ اتي راجنيتي، ڪلچرل ۽ آزاد

جيون ڀرپور ترقي ڪندو، قومي ساهت، ڪلا ۽ وگيان جي روايت کي قائم رکيو ويندو ۽ وڏي پيماني تي هنري وڌارو ڏيندو. ليکڪ انڊين نيشنل ڪانگريس کي "ڀارت جي اتهاس ۾ هڪ اهم واقعو" ڪري ڄاڻايو آهي. ڪتاب جي پڇاڙي هن لفظن سان ڪئي اٿس ته ويهين صدي "نئين ڀارت" جي صدي آهي.

١٩٠٦ع ۾ اي-اي سنيساريو، جيڪو سينٽرل ايشين سوسائٽي آف اوريئنٽل اسٽڊيز جو پريزيڊنٽ آهي، انهيءَ پنهنجو هڪ ڪتاب ڇپايو، جنهنجو سرو هو، "وچ ايشيا جي مسئلي ۾ ڀارت هڪ مکيه عنصر- هندواسين جا انگريزي راڄ بابت ويچار." هن ۾ انگريزن خلاف ڪليل هڪ پڌرنامي، جيڪو ڀارت ۾ بي قاعدي ورهايو ويو هو، ان جا حوالا ڏنل آهي. "اسان کي (ڀارتين) کي پنهنجي ملڪ تي پاڻ راڄ ڪرڻ گهرجي." ڪتاب ۾ ان پڌرنامي جو چڱو وستار ڪيل آهي. اي-اي سنيساريو ڏاڍي همدرديءَ سان ان پڌرنامي جي ليکڪ جي "پينڪشاهي راڄ بابت هڪ شعوري نڪتہ چينيءَ واري رخ" ڏانهن ڌيان ڏنو آهي. هن ليکڪ ڀارت ۾ ١٩٠٥-١٩٠٨ واري قومي هلچل جي طبقيوار شعور ۽ مقصد جي چٽائيءَ ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي.

## ڀارت - دوست ٽالسٽاءِ

روس جي مها ناول ليکڪ ليو ٽالسٽاءِ پڻ ۱۸۵۷ واري هندستاني بغاوت سان پوري ريت پنهنجائي ڪئي هئي. ان باري ۾ ٽالسٽاءِ ميوزيم جو سيڪريٽري آءِ. شففنس "ٽالسٽاءِ - ڀارت جو دوست" واري مضمون ۾ لکي ٿو ته ٽالسٽاءِ ڀارتين، جن پنهنجن حاڪمن خلاف بغاوت ڪئي تن سان همدردي ظاهر ڪئي. ۱۸۵۸-۵۷ وارو زمانو هو جڏهن ڀارت آزاديءَ جي پهرين لڙائي لڙيو، جنهنکي "سپاهين جو بلوو" سڏيو وڃي ٿو. ان وقت ٽالسٽاءِ نوجوان هو. هن ڀارتين جي پنهنجي جهونن دشمن خلاف ڪيل جدوجهد کي داد ڏيڻ سان جاچيو. جڏهن انگريزن جي حيواني هٿان جون خبرون پڙهندو هو، تڏهن کيس بيحد گهڻو ڏک ٿيندو هو. جڏهن سينٽ پيٽرسبرگ (ليننگراڊ) ۾ اها خبر پهتي ته جنرل ڪئمپبيل باغين جي آخرين اڏي لکنو تي قبضو ڪيو آهي، تڏهن ٽالسٽاءِ ۲۴ مارچ ۱۸۵۸ تي پنهنجي ڊائري ۾ ان واقعي کي، "انگريزن جي حيوانيت" ڪري درج ڪيو. ان کان هفتو پوءِ جڏهن ڪئپٽن آسبورن هٿان ۴۹ ڀارتي وطن دوستن جي قتل جي خبر پڙهائين تڏهن سخت طنزي نوع ۾ لکيائين، "ڌڪي ٿو ڇا شڪرانا آهن جو ۴۹ ماڻهن کي مات مٿيه ۾ شوٽ ڪيو ويو!"

ٽالسٽاءِ جو دنيا جي مظلومن سان همدرديءَ وارو رخ جڳ مشهور آهي. هندستان سان هنجي خاص دلچسپي هئي ۽ هندستانين جي به ٽالسٽاءِ سان خاص لکپڙهه هلندي هئي. اڄ به رشيا ۾ ٽالسٽاءِ ميوزيم ۾ اهي خط موجود آهن جن جا جيڪي ٽالسٽاءِ جواب ڏنا انهنجا دستخط به رکيل آهي.

١٩٠١ جي ٢٥ جولاءِ واري خط ۾ ٽالسٽاءِ اي-راما سيشن جي خط جي جواب ۾ لکيو، "مان توسان بلڪل سهمت آهيان ته توهان جي قوم لاءِ اهو يورپ جو آڇيل حل ڪڏهن به پنهنجي قومي مسئلي لاءِ قبول نه ڪندي. حقيقت ۾ اهو حل به ته حل ناهي."

اڳتي هلي ليکڪ پنهنجو خيال ڌرمي ۽ اخلاقي فيلسوفيءَ جي روشنيءَ ۾ هندستان جي تاريخي اوسر بابت چوي ٿو ته هندستانين جو ڇوٽڪارو انهيءَ آهي ته هو بينڪشاهيءَ کي ڏند ڪنا ڪندڙ جواب ڏين. وڌيڪ لکيئو، "توهين انگريزن کي زور زبردستيءَ سان راڄ ڪرڻ ۾ سهڪار اصل نه ڪريو. نڪي اهڙين سنستائن ۾ شامل ٿيو، جيڪي هنسڪ بنياد تي ٻڌل آهن."

ٽالسٽاءِ جي خيال موجب بينڪشاهيءَ سان مقابلو ڪرڻ ريت به تي سگهيو ٿي جو ماڻهو چپ چاپ ۾ فوج ۾ شامل ٿيڻ کان انڪاري واڙين ۽ بينڪشاهي جي راڄ ڪاروبار هلائڻ ۾ شامل نه ٿين.

ٽالسٽاءِ پنهنجي ٻئي هڪ مشهور خط ۾، جيڪو "هڪ هندوءَ ڏانهن" ۱۹۰۸ ۾ لکيل هو، ان ۾ هڪ هنڌ انگريزي بينڪشاهي راڄ کي سخت لفظن ۾ ننديندي ذڪر مان چوي ٿو، "ويهه ڪروڙ مضبوط ماڻهو، جنکي اعليٰ دماغي ۽ بدني قوتون آهن، سي ڌارين ماڻهن جي هڪ ننڍي ٽوليءَ جي قبضي ۾ آهن......"

ٽالسٽاءِ کي نه فقط اسانجي آزاديءَ جي هلچل لاءِ همدردي هئي پر اسانجي پراچين سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ پڻ ڏاڍي عزت ۽ اُڪير هئي. هن اسانجي ڌرمي ۽ نيتي شاسترن جو خوب اڀياس ڪيو. خاص ڪري ويدن، اُپنشدن، گيتا، مهاڀارت، رامائڻ وغيره جو. هن انهن مان ڪيترائي وچار ۽ نقطا اپنائي پنهنجين رچنائن ۾ شامل ڪيا. هن خود رامائڻ ۽ مهاڀارت روسي ڀاشندن لاءِ اُلٿو ڪيو.

۱۸۹٦ ۾ پنهنجي ڊائري ۾ لکيائين، "هندو ۽ يوناني مندر، سڀني کي سمجهڻ ۾ اچن ٿا...... هندو ڪلاڪاري لکڻين، ٻڌ جي سکيائن ۽ ساکيه مني جي ڪوتا جو درجو تمام اوچو آهي."

پنهنجي اعليٰ تنقيدي ڪتاب "ڪلا ڇا آهي؟" ۾ ٽالسٽاءِ هڪ هنڌ لکيو آهي، "ساکيه مني جي آکاڻي ۽ ويدن جي منترن ۾ تمام اوچ ڀاونائون سمايل آهن، ته به اُهي اڄ اسان پڙهيلن توڙي اڻ پڙهيلن کي

چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ اچن ٿيون. اهي ان زماني جي ماڻهن کي (جيڪي اڄ جي پورهيت ماڻهن کان بہ گهڻو گهٽ پڙهيل هئا) چڱي طرح سمجهڻ ۾ ٿي آيون."

ٽالسٽاءِ هندستانين سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ ۾ جيڪو ڪجهہ سنو ڏٺو سو جهٽيو ۽ موٽ ۾ وري اسانکي ڏنو. اسانجي محبوب قوم پتا **مهاتما گانڌي** تي ٽالسٽاءِ جو ڏاڍو اثر ٿيو هو، جنهنجو اظهار مهاتما ۱۹۲۸ ۾ لکيل هن شردانجليءَ ۾ ڪيو آهي:-

"ان ڳالهہ کي اٽڪل ۴۰ ورهيہ ٿيا جو مان ڏاڍي اندرينءَ ڪشمش ۾ مبتلا هوس. اهڙي وقت ٽالسٽاءِ جو ڪتاب "سرڳ تنهنجي اندر ۾ آهي" مونکي هٿ لڳي ويو. هن ڪتاب منهنجي دل تي ڏاڍو اثر ڪيو. ان وقت منهنجو هنسا ۾ وشواس هو. هن ڪتاب جي پڙهڻ کان پوءِ منهنجا سڀ شڪ شبها گم ٿي ويا ۽ مان هاڻي اهنسا جو پڪو پوڄاري ٿي پيس. ٽالسٽاءِ جي حياتيءَ ۾ جنهن ڳالهہ مونتي تمام اثر ڪيو سا اها هئي تہ هن جيڪي چيو ٿي سو عملي ريت ڪري بہ ڏيکاريو ٿي. سچ جي راهہ ۾ هلڻ لاءِ ڪا بہ قرباني هن کي وڏي نٿي لڳي. سندس سادگي ٿي وٺو. بلڪل عجيب مثال آهي. جيڪو ماڻهو عيش عشرت جي زندگيءَ وچم ڄائو نپنو ۽ ايتريءَ زمين جو مالڪ هو جيتري مشڪل ڪنهن ماڻهوءَ وٽ هوندي، سو جوانيءَ ۾ سڀ

شوق شڪار، ٿياڳي ڇڏي ۽ مٿن ورائي ڪڏهن انهن جو ڏيان به نه ڪري!...

”هي پنهنجي زماني جو سچار ۾ سچار ماڻهو هو. سندس جيون سچ جي ڳولا ۾ هڪ انادي ڪوشش هئي. هڪ اها وير هئي جنهنجي اڳيان ڪا به دنيوي رڪاوٽ بيهي نٿي سگهي.

”اڄ جي زماني اگر اهنسا جو وڏي ۾ وڏو پيغمبر پيدا ڪيو آهي ته اهو هيءُ ئي آهي،

”ٽالسٽاءِ جي جيوت پيار جو هڪ وڏو ساگر آهي. اها اسان لاءِ هميشه هڪ روشن منار جيان رهندي ۽ اسان لاءِ انساهه جو اڪت چشمو ٿي رهندي آهي.

”ٽين خاص ڳالهه هئي ’ماني لاءِ محنت‘ يعني هر ڪنهن کي پنهنجي روزي پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجن هٿن سان پورهيو ڪرڻ کپي. جهان جي ڏک جو گهڻو حصو فقط ان ڪارڻ ئي پيدا ٿيو آهي جو گهڻا ماڻهو پنهنجي روزگار پيدا ڪرڻ لاءِ پاڻ نٿا محنت ڪن. هن کي شاهوڪار جو دان ڌرم جون سڀ رتائون پاکنڊي لڳنديون هيون ڇو جو هو پاڻ ته هٿ جي محنت کان ٿهي رڳو عيش عشرت ۾ محو رهن ٿا. سندس چوڻ آهي ته جي انسان ٻئي جي محنت تي لڳڻ بند ڪري ته هنن سڀني دان ڌرم جي نمونن جي ڪا ضرورت ئي نه رهي.*

* "Tolsty, Gandhi".. by K. A. Abbbas in "Iscus" of Dec. 1960.

## گورڪي ۽ پارٽي پيڙ

ٽالستاءِ کانپوءِ ٻئي اعليٰ روسي اديب جنهن ڀارت جي ڀنيرائيءَ ۾ پنهنجو آواز بلند ڪيو، سو هو مئڪسم گورڪي. گورڪيءَ کي هندستان جي اوچي ۽ نچي پنهنجي سڀيتا ۾ گهڻي دلچسپي هئي. هندستان جي لوڪشاهي تمنائن لاءِ هميشه همدردي ظاهر ڪندو رهيو. هندستان کي اڳتي هلي ظلم، ڏاڍ ۽ غلاميءَ خلاف جيڪو ڀاڱو ادا ڪرڻو هو، انجي اهميت تي زور ڏيندي ته ٽڪبوئي ڪين هو.

هن "سورميڪ" مخزن جي هڪ مکيه ڪم ڪندڙ جي حيثيت ۾ شياماجي ڪرشن ورما ۽ مئڊم بي. آر. ڪاما سان لهه وچڙ رکي، جي انوقت اولهه يورپ ۾ آيل هئا. ڪانئن هندستان جي ساهت ۽ نڪرندڙ مخزن بابت گهڻو پڇيائين. گورڪيءَ جي سيڪريٽريءَ کي ۱۹۱۲ ۾ ۱۴ آڪٽوبر واري خط ۾ مئڊم ڪاما لکيو آهي ته مون گورڪيءَ کي هندستان جي انقلابي هلچل بابت گهڻو ئي ساهت موڪليو آهي. ساڳئي خط مان ظاهر آهي ته گورڪيءَ "وندي ماترم" اخبار جو گراهڪ ٿيڻ لاءِ چاهنا ڏيکاري هئي. جا ڳالهه انوقت ناممڪن هئي. انڪري مئڊم ڪاما لکيو هوس ته مان توکي خوشيءَ سان ان مخزن جا پرچا وٺي موڪليندي رهنديس.

آڪٽوبر ۱۹۱۲ ۾ ڪرشن ورما جيڪو ترقي پسند

اخبار انڊين سوشلاجسٽ هلائيندڙ هو تنهن لکيو آهي،
"توهانجي ١١ تاريخ واري خط موجب مان ڏهه پرچا
پنهنجي اخبار جا روانا ڪري رهيو آهيان ۽ توهانکي
هنڪانپوءِ گراهڪ ڪري ليکيندس، اخبار توهان وٽ
هر مهني باقاعدي پهچندي رهندي."

ڪجهه وقت پوءِ "سورمينڪ" ۾ گورڪيءَ جو هڪ
ليک پيو، جنهنجو بنياد اصلوڪي احوال تي هو. هن
ليک ۾ ليکڪ بينڪشاهي سرشتي جا چوڏا لاتا آهن ۽
ڏاڍي همدرداڻي نوع ۾ هندستان جهڙي ماڻهن جي
آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو بيان ڪيو اٿس.

نومبر ١٩١٢ ۾ گورڪيءَ ڪرشن ورما ۽ مئڊم ڪاما کي
"سورمينڪ" اخبار ڏانهن کي ليک موڪلڻ لاءِ لکيو.
سندس مرضي هئي ته رشيا ۾ جيڪي لوڪشاهي خيالات
وارا ماڻهو آهن تنکي ڀارت جي آزادي ۽ انصاف لاءِ
هلايل هلچل جي خبر پوي ۽ سڀ انسان جيڪي انصاف
۽ سمجهه پريو راڄ ڪاروبار چاهين ٿا سي ڀارت ۾ ٻڌي
ڪري سڄي دنيا ۾ ظلم جو مقابلو ڪن. هنن خطن منجهان
ظاهر آهي ته ليکڪ جي ڀارت - رشيا جي ناتن بابت
انٽرراشٽري سطح وارو رخ هو.

گورڪي ڪرشن ورما جي گهڻي ساراهه ڪئي آهي
۽ کيس ڀارت جي آزاديءَ جو وڏو اڳوان ليکيو اٿس.
ڪرشن ورما ته هڪ خط ۾ لکيس "مونکي ڏاڍي خوشي

آهي جو يورپ ۾ ڪي ٿورا ئي سڀين ۾ سچي راهيتي آزاديءَ جي چاهنا رکندڙ ماڻهو آهن ۽ اهي نہ فقط پنهنجي پر سڄي دنيا جي هر حصي جي ماڻهن لاءِ آزادي چاهين ٿا."

ڪاما، اهو مرڪز هئي جنهنجي چوڌاري سيٺئي انقلابي هلچل ٿي ڦريون. انوقت مڪائيل پنلووچ، پهريون رشين مارڪسوادي هو، جنهن جديد مشرق ۾ چاهہ ٿي ورتو. هنڪان هڪ پيري ڪاما "سانگ آف فالڪن" جي ڌت بابت پڇيو هو. جڏهن ڪيس هو بهو پڌايائين تڏهن ڪاما اهو ڪيس فرينچ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي ڏيڻ لاءِ چيو. هو لکي ٿو جڏهن هن ڪيس اهو ترجمو ٽيل گورڪيءَ جو گيت ڏنو تڏهن هنجي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. گيت جو ترجمو اهڙو سهڻو بہ ڪين ٿيل هو، فقط پورو ڪاپڙي ٿيل هو نہ بہ ڪاما ڏاڍي جذبي ۾ اچي چيو، "هي گيت هڪ وڏي ليکہ يا پتري کان گهڻو بهتر آهي."

ڪاما، گورڪيءَ جي "سورميڪ" ۾ ليکن لکڻ جي دعوت جهٽ قبول ڪئي. گورڪيءَ کيس لکيو "اسانجون رشين ڄالون ۽ اسانجي لوڪشاهي، توهانجي يارت جي ماڻهن جي زندگي ۽ جدوجهد بابت پڙهي ڏاڍو خوش ٿيندا."

جواب ۾ ڪاما لکيس، "منهنجو سارو وقت ۽ طاقت

منهنجي ديش جي ئي اديش ۾ جدوجهد لاءِ ارپڻ تيار آهي. مون کان جيڪي ئي سگهيو سو ضرور ڪندس......"

هيءَ پارٽي قوم پرست، پنهنجن خطن هيٺان هميشه "تنهنجي پيمري، بي - آر- ڪاما" لکندي هئي. سنڌس من جون پاوناٿون گورڪيءَ کي پنهنجي صحيءَ سان فوٽو موڪلڻ منجهان به ظاهر آهن.

آگسٽ ١٩١٧ ۾ گورڪيءَ کي هڪ خط لکيائين جو ڪيس رشيا ۾ ڇاپڻ لاءِ به لکيو هئائين. پر افسوس جو اهو خط هٿ نه اچي سگهيو آهي.

## لينن جو آواز

روس جي ٻن مهان ساهتڪارن ٽالسٽاءِ ۽ مئڪسم گورڪيءَ کان ٻه وڌيڪ جنهن روسي نيتا هندستان جي بغاوت ۽ آزاديءَ جي هلچل جي نه صرف پنيرائي ڪئي پر وگيانڪ اوک ڏوڪي ڪري پنهنجي اصول توڙي عمل سان جديد ڀارت ۽ روس جي دوستي جي عمارت ۾ پيڙهه جو پٿر ٻڌيو، سو هو آڪٽوبر انقلاب جو باني ڪامريڊ نڪولائي لينن.

١٩٠٠ع ۾ لينن "اسڪرا" (چڻنگ) اخبار ۾ مغربي سامراجين جي لوٽ کسوٽ واري نيتيءَ لي ٽڪنچيني ڪندي "هندواسين جي انگريزن ۽ ٻڪ خلاف بغاوت" جو ذڪر ڪيو. هو ١٨٥٧ع واري بغاوت جو تفصيلوار

ڇيد ڪري ان نتيجي تي پهتو ته اها انگريزي غلاميءَ خلاف بغاوت هئي.

لينن ١٩٠٨ع ۾ پنهنجي هڪ مشهور ليک ”انتر راشتري راڄنيتي ۾ ٻرندڙ مصالحو“ ۾ لکيو، ”انگريزي آزاد خيال بورزيا ماڻهو پنهنجي ملڪ ۾ وڌندڙ مزدور هلچل تان ڏمرجي ۽ ڀارت جي وڌندڙ انقلابي تحرڪ کان ڏڪي، وڌيڪ ۽ وڌيڪ، هر هر، کليو کلايو ڇيندڙ نموني ۾ اهو مظاهرو ڪري رهيا آهن ته هي ”سڌريل“ يورپي ”سياستدان“، جنکي جوڙجڪي ڍنگ سان هلت هلڻ جي اوچي سکيا ملي آهي، سي عوام جي، لوٽ ڪسوٽ، هنسا ۽ غلاميءَ واري سرمائيداري - بينڪشاهي سرشتي خلاف جدوجهد تي، ڪهڙا نه وحشي ٿيو ٿا پون. ڀارت ۾ ويڙهاڪائيءَ ۾ ڏيهي غلام پنهنجن سيبيه انگريزي سرمائيدار ”مالڪن“ لاءِ هڪ چنتا ٿي پيا آهن. هندستان ۾ انگريزي حڪومت جي هنسا ۽ ڦرلٽ جو انت ئي ڪونهي. دنيا ۾، سواءِ رشيا جي، ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ ايڏي ٻي انتها غريبي ۽ دائمي بک نه ڏسندا، جيڪا هندستان ۾ آهي...... انگلنڊ جي ”انصاف“ جهڙي ننڍي انگريزي هفتيوار اخبار لي به هند ۾ اچڻ تي بندش وڌي ويئي...... هوڏانهن ڪيترين وڏي هلنديءَ وارين اخبارن ڀارت جي هلچل هلائيندڙن ڪي مليل سزائن وغيره جي شد مد

سان آجيان ڪري رهيون آهن...... ليڪن پارٽ ۾ جنتا پنهنجن اديبن ۽ راڄنيتي رهنمائن جي حق ۾ بيهڻ لڳي آهي. پارٽي لوڪشاهي پسند نيتا تلڪ کي انگريزي گدڙن، هندستاني جيوري جي رايي کي ٺڪرائي، جيڪا لنبي عرصي لاءِ ديش نيڪاليءَ جي بدنام سزا ڏني آهي، جيڪو سرمايدارن جي ٽهلين جو لوڪشاهي پسند ڪان بدلي وٺڻ جو ڪارنامو آهي، ان خلاف مظاهرا ٿيا آهن ۽ بمبئيءَ ۾ هڙتال ٿي آهي. اڄ پارٽ ۾ به اڀرئي مزدورن جي شعوري سياسي عوامي آندولن وڌڻ لڳي آهي ۽ روسي نموني جي انگريزي راڄ جو خاتمو آيو ڪي آيو......"*

١٩٢٠ ۾ هندستاني انقلابين جي سنستا طرفان لينن کي آڪٽوبر انقلاب تي جيڪي مبارڪون موڪليون ويئون تنهجي جواب ۾ جيڪو پيغام موڪلياءِ، سو پڻ پارٽي آندولن جي حمايت جو هڪ مکيه ۽ روشني بخش نشان آهي. هن چيو، "مونکي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته ديس وديس جي حاڪمن کان هيسايل هندواسين ۽ پنهنجي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ پارت واسين، ۽ هارين ۽ مزدورن جي رپبلڪ (يعني سوويت) جا خود حڪومت ۽ آزاديءَ جا سڌانت ساراهيا آهن ۽ ڏاڍه دليءَ سان الهن جي آجيان ڪئي آهي. رشيا جو پورهيت

* Read "On Britain" by V. I. Lenin, page 101.

رهيو هو ۽ ان جي هڪ سچي سائيءَ جي تائيد پڻ ڪئي.

## روسي انقلاب لاءِ ڀارت جون مبارڪون

جهڙيءَ طرح روسي انقلاب جي باني ليننءَ جي ڀارتي بغاوت سان دلچسپي هئي، تهڙيءَ طرح ڀارتواسين جي وري روسي انقلاب ۾ دلچسپي هئي، جنهن ڀارت جي آزاديءَ جي تحرڪ تي ڪافي اثر به ڪيو. اسانجن ڪيترن انقلابين ۽ اڳوانن ان انقلاب مان اُتساهه ۽ اُمنگ حاصل ڪيو.

١٩١٧ ۾ روس جو آڪٽوبر انقلاب ڪاميابيءَ سان پورو ٿيو هو. ڀارتواسين نئين سوويت سرڪار کي مبارڪن جو سنيهو موڪليو. جيتوڻيڪ اهو سنيهو ١٩١٧ ۾ دهليءَ ۾ تيار ٿيو هو ۽ زير زمين نڪرندڙ اخبارن ۾ ڇپيو هو ته به اهو سال ڪانپوءِ مس ماسڪو ۾ پهچي سگهيو هو. اهو سنيهو رشيا ۾ کڻي وڃڻ پهنجي جان جوکي ۾ وجهڻي هئي ڇو ته هڪ ته انگريز سرڪار جي سخت چوڪسي ۽ پابندي هئي، ٻيو ته رشيا ۾ خود ١٤ ڌارين ملڪن طرفان دست اندازي واري لڙائي چالو هئي.

نيٺ ٻه ڄڻا احمد حادي ۽ احمد هٽرس (ٻي رپورٽ موجب اُهي پروفيسر ستار ۽ جبار هئا) سنيهو کڻي ويا ۽ سر جو سانگو لاهي منزلون ڪندا، مهنن ڪالموءِ وڃي ماسڪو پهتا. هنهو سلامت پهچڻ جڙ

هڪ ڪرشمو لڳي ڳالهه ڪري رهيو هو. ان سنيهي بابت ١٧ نومبر ١٩١٨ تي ”ازويستيا“ اخبار ۾ خبر به ڇپي هئي. اهو سنيهو ٢٥ نومبر ١٩١٨ تي ماسڪو ۾ سوويت پارليامينٽ آل رشين سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي، پاران ڪوٺايل ميٽنگ ۾ پڙهيو ويو هو.

سنيهي جو ڪجهه اُڪر هي هو: ”توهان لوڪشاهيءَ جي راهه ۾ جيڪا وڏي سوڀ حاصل ڪئي آهي، هندستان توهانکي انلاءِ مبارڪون ٿو ڏئي. توهان حڪومت جون واڳون سنڀالڻ ڪانپوءِ جن اوچ ۽ انسانيت پسند اُصولن جو اعلان ڪيو، تنکي اسين چاهيون ٿا. هندستان جي ڌرتيءَ دل، توهانلاءِ اهائي دعا آهي ته شل توهانکي انهن اوچ آدرشن تي محڪم ارادي سان بيهڻ جي قوت بخشي.....“

هنن عيوضين اتي جيڪا تقرير ڪئي، تنهنم چيائون، ”روسي انقلاب جا رهبرو! ساٿيو ۽ دوستو! اسين توهان جا شڪرگذار آهيون جو توهان اسانکي هتي گالهائڻ جو ۽ هندستاني جنتا پاران مبارڪون ڏيڻ جو موقعو ڏنو آهي. **اسين روسي انقلاب جي مرحبا ٿا ڪريون جنهن اسانجي جدوجهد لاءِ نئين راهه کولي آهي**... دنيا کي پارت بابت ڪوڙه واءِ ساءِ ڪونه ٿو ملي ڇو ته اها انگريزي سلطنتشاهي ۽ سرمايداريءَ جي نيتي آهي جنهن پارت ۾ جيڪا اها

ڦرلٽ ۾ ظلم ستم ڪري رهيا هئا، انهي سچي خبر دنيا کي نه پوي...... رشيا جي انقلاب جو پارٽي عوام تي تمام زبردست اثر ٿيو آهي. انگلنڊ جي ڪيتري ئي ڪوشش جي باوجود خود حڪومت جو نعرو پارٽواسين جي دلين تائين پهچي ٿي ويو آهي...... پارٽ ۾ جو هلچل زور وٺي ويئي آهي ته اسانکي اها پڪ ٿي ويئي آهي ته هاڻي انگلنڊ پارٽ کي پنهنجي قبضي ۾ رکي نه سگهندو...... ...انگلنڊ لاءِ هاڻي پارٽ ۾ رهڻ ئي ناممڪن آهي... اسانکي هرڪا اُميد آهي ته هن شاهي آزاد رشيا جا اسانجا پائر اسانکي آزادي حاصل ڪرڻ ۾ مدد جو هٿ ڊگهير يندا. ساٿيو! اسانکي اها پڪ آهي ته اهو ڏينهن جلد ايندو جڏهن اسانجو سوا ٽيٽيهه ڪروڙ آدمي جو دنيا جو پنجون حصو آهي، سو ڏارين جي غلاميءَ جي چنبي مان آزاد ٿيندو!"

سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ پوءِ پارٽ جي آزادي لاءِ لڙندڙ جنتا کي مبارڪون موڪلڻ جو ٺهراءُ ڪيو، جنهنجي خوب آجيان ڪئي ويئي.

## لينن سان ملاقات

هندي پارٽي عيوضين کي انقلابي ماسڪو ۾ جيڪا آجيان ملي، تنهن سندن دل تي ڏاڍو اُثر ڪيو. پر ان کان وڌيڪ اثر ٿين لينن سان ملاقات جو، جيڪا مئي ۾ ٿيندي

کان ۾ ڏينهن اڳ ڪريملن ۾ ٽي هين. اُن محل هيٺيئي دلين ۾ ڇا وهيو واپريو هوندو تنهنجو اندازو لڳائڻ ڏکيو ڪونهي. هنن عيوضين، لينن کي هڪڙو خوشبودار چندن جي ڪاٺ جو لڪڙ، جنهنجي مٿ ۾ ٻيڙي عاج جي ٺهيل هئي، سو سوغات طور ڏنو جو اڄا ڏ ٽاءِ رشيا جي لينن ميوزيم ۾ رکيل آهي ۽ روسي ۽ ڀارتي جنتا جي مترتا جو هڪ مهان يادگار آهي.

١٩١٩ع ۾ ڀارتواسين جي هڪ ٻي سفارت، جنهن ۾ مشهور انقلابي راجا مهيندر پرتاب، مولانا برڪت الله وغيره هئا، لينن سان ماسڪو ۾ وڃي ڳڏي. هنن سان گڏ ابراهيم نالي پنجاب جو هڪ هاري پڻ هو، جنهن روسي ٻوليءَ جا ٿورا گهڻا لفظ سکي ورتا هئا.

سفارتين سان ڳالهيون ڪندي لينن جي نظر وڃي ابراهيم تي پيئي جنهن پاڻ پٺي ڪيو. لينن پڇيس، "تون ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندين، انگريزي، فرينچ، ڪين جرمن؟" ابراهيم ڏاڍيءَ مشڪلات سان پنهنجي جذبات تي قابو پائي سگهيو ۽ ڀارتي ڪسانن پاران ٽٽل روسي ٻوليءَ ۾ لينن کي واڌايون ڏيڻ لڳو. لينن ڪانگس پارٽي هارين بابت حال احوال پڇيو ۽ انگريزي راڄ خلاف جدوجهد جي خبرچار ورتي. جنهن ڳالهه سيني کي ٽپرس ۾ وجهي ڇڏيو.

## ڀارتي ڊاڪٽري مدد

١٩١٩ع ۾ جڏهن سوويت رشيا ١٤ ڌارين ملڪن

دست اندازيءَ جي لڙائي جو مقابلو ڪري رهيو هو، لڏهن پارٽي ٻاڪنرن جي هڪ خاص ٽولي کين مدد ڪرڻ لاءِ ويٺي هئي. ان بابت هڪ اخبار "ڪومونا" ١٧- سيپٽمبر ١٩١٩ تي لکيو، "لال فوج جي ڪانفرنس ۾ هڪ پارٽي سفارت شريڪ ٿي آهي، جنهن پارٽي جنتا وٽان مبارڪون آنديون آهن......"

## روسی انقلاب جو اثر

روسي انقلاب جو ڀارت جي آزاديءَ جي هلچل ۾ جدا جدا اڳوانن ۽ اديبن تي جيڪو اثر ٿيو اُنجو اندازو لڳائڻ ڏکيو ڪونهي. ڀارت جي اهڙي ڪا ڪنڊ خالي ڪانه هئي، جتان اُنجي آجيان ۾ آواز نه اُٿيو هو.

لوڪمانيہ تلڪ روسي انقلاب کي "هاٺوڪي لڙائي (پهرين مهاڀاري جنگ) جي هڪ وڏي ڪاميابي" ڪري سڏيو. هن پنهنجي اخبار "ڪيسري" ۾ ٢١ آگسٽ ١٩١٧ واري پرچي زار کي سائبيريا ۾ ديش نيڪالي ڏيڻ واري قدم جي حمايت ڪئي. چونڊا* نه تلڪ روسي انقلابين سان لهہ وچڙ رکي هنن جي آزمودي مان ماهريت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي.

پارٽي انقلابين جي اوائلي جماعت "غدر پارٽي" جو اڳيون پريزيڊنٽ بابا سوهنسنگهہ ڀڪنا، سوويت

---

* "The Past of Russian-Indian Ties" in Soviet Land of Aug. 1965.

سوويت لئنڊ جي آگسٽ ١٩٦٥ جي پرچي ۾ لکيو، ”جڏهن نئون يگ آڻيندڙ روسي انقلاب ٿيو، تڏهن اُنجو اثر آمريڪا ۽ ٻين ملڪن ۾ رهندڙ پارٽي انقلابين تي پڻ ٿيو. غدر پارٽيءَ يڪدم سنتوک سنگهه ۽ ڀائي رتن سنگهه کي رشيا ڏانهن حالتون جاچڻ لاءِ موڪليو. هنن جيڪا رپورٽ ڏني، تنهن غدر پارٽيءَ جي نيتيءَ تي وڏو اثر ڪيو.“

فقط غدر پارٽيءَ وارن تي نه بلڪ ٻين ڪيترن پارٽي انقلابين ان انقلاب جي مرحبا ڪئي، ان مان اُتساهه پرايو ۽ اُنجي اصولن جي پيروي ڪري ڀارت جي آزادي ۽ روس - ڀارت دوستيءَ ۾ همٿ وڌايو. اهڙا انقلابي ڪيترائي هئا. اباني مکرجي، دويريندر چٽوپاڌيءَ، لوهاڻي، داؤد علي دت، محمد علي، حبيب احمد وفا، نثار، امين، پريرسنگهه ڪمل وغيره ته رشيا ۾ ڪميونسٽ بڻجي ويهي رهيا، جيتوڻيڪ هنن پڇاڙيءَ جي دم تائين به پنهنجي محبوب وطن کي نه وساريو. رشيا انگريزن جي گهر ڪرڻ تي به اهڙن ڪيترن انقلابين کي هنن جي حوالي نـــه ڪيو، پر پاڻ وٽ اجهو ڏنو ۽ عزت افزائي ڪئي. †

سنڌ جي مشهور انقلابي **عبيد الله سنڌي** ـــ

† "Indian Revolutionaries in Soviet Union"— by P. Unnikrishnan in Link dated 30-8-64 & 27-9-64.

۱۹۲۰-۱۹۲۲ واري دور ۾ روس ويو هو ۽ اتان اشتراڪي خيال اپنائي آيو. انڪري هو مذهبي ڪٽرپڻي کان آجو هو ۽ مادي ترقيءَ جو قائل ٿيو هو. هڪ هنڌ صاف چيئون، ”اڄ دنيا ۾ سرمائيداري ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه وڏو ٻت آهي، جنهنکي ٽوڙڻ جي ضرورت آهي.“ (پڙهو پرچم - هند آزادي نمبر ۱۹۶۳).

ڪاڪوڙي منصوبي جي اڳوان شچيندر ناٿ سنيال ۽ هنجي شاگردن ڀڳت سنگهه ۽ بي. ڪي. دت، راجگرو ۽ ڪهور جي ويچارن تي پڻ روسي انقلاب گهرو اثر ڪيو. هنن ٿي پهرين پهرين ”انقلاب زنده باد“ جو نعرو بلند ڪيو هو. ڪورٽ ۾ مقدمي وقت ڀڳت سنگهه ۽ سندس سائين نعرا هنيا - ”سوشلسٽ انقلاب زنده باد“ ”ڪميونسٽ انٽرنيشنل زنده باد“ ”لينن امر رهي.“ ۽ ڪورٽ کي رشيا ڏانهن تار موڪلڻ لاءِ چيائون، جنهن ۾ لکيل هو، ”لينن ڏينهن تي، لينن جي آدرشن لاءِ ڪم ڪندڙ شخص کي مبارڪون ٿا ڏيون. شل روسي تجربو ڪامياب ٿئي. مزدور جي جيت ٿيندي ۽ سرمائيداري ختم ٿيندي ۽ شهنشاهي مرده باد.“

ڀڳتسنگهه ۽ سندس سائين پنهنجي پارٽيءَ کي نالو ئي ڏنو سوشلسٽ ريپبلڪ ايسوسيئيشن جنهنجا ڪجهه ميمبر يشپال، شو ورما، جيديو ڪهور وغيره اڄ به ڪميونسٽ ويچارن جا آهن.

## منشي پريمچند ۽ بولشوزم

ڀارت جو مايہ ناز ليکڪ منشي پريمچند شايد پهريون ليکڪ هو جنهن روسي انقلاب جي پروقت اهميت محسوس ڪري، زوردار حمايت ڪئي ۽ بولشوزم جي اصولن جو ڪافي قائل ٿيو، جڏهن ماهوار "مريادا" ۾، جنهنجو هو ڪجهہ وقت سمپادڪ هو، ڇپيل سمپادڪي ويچارن ۽ ليکن مان ظاهر آهي. هڪ هنڌ لکيائون، "هن کان اڳ ۾ دنيا جي تاريخ ۾ هيڏو وڏو انقلاب ڪڏهين نہ ٿيو آهي. انهيءَ انقلاب ۾ رتوڇاڻ بہ نالي ماتر ٿي. انهن جنتا جي طاقت جي شان جو پتو پويٿو. جنتا جي ان سوڀ تي اسين رشيا کي مبارڪون ڏيون ٿا. ان انقلاب جو ميوو رشيا تہ ضرور ماڻيندي پر انجو اثر تاريخ ۽ ٻين سڀني قومن تي بہ ضرور پوندو. هي انقلاب ڏيکاريٿو تہ زمانو ڪهڙي طرف ۽ ڪهڙا مقصد کڻي وڌي رهيو آهي. جيڪي چون ٿا تہ ڀارت ۾ علم ڪونهي ۽ ووٽ ڪرڻ يا راڄ هلائڻ جي قوت ئي نہ اٿن، تنکي اکيون پٽي رشيا جو مثال ڏسڻ کپي. جنتا جي طاقت ئي وڏي ۾ وڏي طاقت آهي، آخرين سوڀ بہ انجي ئي ٿيڻي آهي. جهان کي روشن ۽ آزاد ڪرڻ وارو سج رشيا ۾ اڀري چڪو آهي. اميد تہ اهو جلدي انڌيري کي پڃائي ڪڍندو......"

"مريادا" جي آگسٽ 1919 واري پرچي جو

سمپادڪي ويچار بولشوزم جي حمايت ۾ لکيل آهي-
"بولشوزم جي هوا سڄيءَ دنيا مٿان بلڪل زور سان لڳي رهي آهي ۽ شڪ ناهي ته آخرين سوڀ انهيءَ جي ٿيندي ... انسان وڏيڪ ظلم، بي انصافي، نابرابري، غلامي، خودغرضي ۽ سياسي چالبازيون سهڻ لاءِ تيار ناهي. انهي عيوض هو انصاف، هڪجهڙائي، آزادي وغيره قائم ڪرڻ چاهيٿو.

سپٽمبر ١٩١٩ جي "مريادا" ۾، جنيوا جي خاص خاطوءَ جي قلم مان بولشوزم تي هڪ وڏو ليک ڇپيل آهي جنهن ۾ ڇپيل آهي، "بولشوزم جو بنيادي اصول آهي، 'دنيا سڀني لاءِ آهي ۽ نه فقط انهنلاءِ جي سانگي سان اڄ اُنتي راڄ ڪري رهيا آهن.' بولشوزم جا دشمن رڳو اُهي آهن، جي وڏين ملڪيتن جا مالڪ آهن، ڌرمن جا پرچارڪ آهن، راجائون آهن، بئنڪر ۽ وياج خور يا ياريتو پادري آهن. اهي بولشوزم کي هڪ راڪاس ڪري ٿا پيش ڪن پر اهو نٿا ڄاڻن ته پيگوان ۽ دئتن جي وچ ۾ لڙائيءَ وارو سمو هاڻي گذري چڪو آهي..."

آخر ۾ هي ليکڪ ايشيا ۽ آفريڪا جي ماڻهن کي آگاهه ٿو ڪري، "... ايشيا ۽ آفريڪا جي لاوارث، پيڙيل ۽ وقت کان وانجهيل جنتا کي بولشوزم جي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ سان ڪو به ڌاڪو نه رسندو... بولشوزم جي مخالفت ڪرڻ هرگز ٺيڪ ناهي..."

منشي پريمچند سوشلسٽ ويچارن جو اهڙو پڪو هو جو ان مخزن کي رچنائون نہ ٿي ڏنائين، جنهنجي نيتي هنجي اصولن سان نٿي ٺهڪي، جئن هڪ دوست کي ١٩١٩ ۾ لکيائين، ”’زمانا‘ جي نيتيءَ کي ڏسي مان اُنہ پنهنجون رچنائون ڇپائڻ واجب نٿو سمجهان... مان گهٽي حد تائين بولشوڪ اصولن جو قائل ٿي ويو آهيان.“

منشي پريمچند مڪمل ڪميونسٽ نہ هوندي بہ انهن اصولن کي پنهنجين رچنائن ۾ اپنائڻ جي ڪوشش ڪئي. انڪري ئي پريمچند کي هندستان جو گورڪي سڏيو ويو آهي.

هڪ ٻئي اعليٰ اديب **شرت چندر** کي پڻ روسي انقلاب اُتساهت ڪيو، جئن هنجي ”آزادي جا اُپاسڪ“ ”شريڪانت“ ”سوال“ ”گرجنا“ وغيره ناولن ۽ ”مهيش“ وغيره ڪهاڻين مان ظاهر آهي. پهرئين ناول ۾ جدلياتي جي هڪ مکيہ عناصر ”تبديلي“ تي ڪافي گفتگو ڏنل آهي. ١٩٢٤ ۾ منشي گنج ساهت سڀا جي صدارتي تقرير ۾ چيائين، ”تمام دکن سان ڀرپور هن ملڪ ۾ پنهنجي ايمان کي ٺاهيو، **روسي** ساهت وانگر جڏهن اهو (اسانجو ساهت) اچا بہ وڌيڪ سماج جي هيٺئين سطح ۾ لهي ايندو ۽ اُنهي دک درد جي وچہ بيهي سگهندو، تڏهن اهو صرف ديش ۾ ئي نہ بلڪ وشوَ ساهت ۾ پنهنجي جڳهہ حاصل ڪندو.“

جو ويجهو عزيز به آهي ته سيڪريٽري به هو، لکيو، ”شروعاتي لکڻين ۾ هو [ٽئگور] هڪ شخص ۽ سماجڪ ٽوليءَ جي طاقت ۾ گهڻو ڀروسو رکندو هو ۽ حڪومت جي رول کي نظر انداز ڪري وينو هو. هنجي سوويت ياترا هن اڳيان اها ڳالهه صاف ڪئي ته هڪ اها حڪومت، جيڪا ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ سرگرم ۽ باشعور ٿي ڪم ڪري ٿي، اُنجي طاقت ۾ سنائيءَ جا اِلاهي اَمڪان لڪل آهن.“ ٻئي هڪ ليک ۾ لکيائين، ”ٽئگور لاءِ خاص قابل غور ڳالهه اها آهي ته جئن هو عمر ۾ وڏو ٿيو، تئن هو پنهنجي رخ ۾ وڌيڪ ترقي پسند ۽ نوَپسند (Radical) بڻبو ويو. رواجي شخص عمر ۾ وڏا ٿيڻ سان تنگدل ٿيندا آهن، پر ٽئگور وڌيڪ انقلابي بڻيو. گيتانجليءَ جي ليکڪ سوويت ياترا کي تيرٿ ياترا ڪري سمجهيو سو ثابت ڪري ٿو ته هن ماڊرن رشيءَ کي ڌرم کان وڌيڪ سچ پيارو هو ۽ ڪنهن به فيلسوفاڻي جهوني نه بدلجندڙ مت (Dogma) جي پيٽ ۾ انسانذات جي ڀلائيءَ جو وڌيڪ خيال هوس... هنجو وشواس هو ته زمين تي هاريءَ جو اَخلاقي حق آهي. ڀارت ۾ هنجي حالت سهڪاري کيتيءَ کانسواءِ سڌري نه سگهندي. پر اهو اهڙو مسئلو ڪونه هو، جنهن کي هڪ ڄڻي جي ڪوشش سان حل ڪري سگهجي. اُنکي فقط حڪومت ئي حل ڪري سگهي ٿي ۽ اُنکي ئي ڪرڻ کپي، اها ڳالهه ٽئگور محسوس ئي نه ڪري

۾ روس جي سوپ هڪ ياڳ ادا ڪيو. انگريزن ڪي روس جو زبردست ڌهڪاءُ هو، ان ڪري ئي هنن اها خاص خبرداري ۽ ڪوشش پئي ڪئي ته جئن ڀارت ۾ روسي انقلاب ۽ ڪميونزم جو اثر نه وڌي. اُن لحاظ کان روسي ساهت تي بندش پيل هئي جو انوقت لڪي لڪي پيو پڙهبو هو. گورن حاڪمن ڀارت ۾ ڪميونزم جو ڀوت ٻه خوب ٻچيو. انجي اوٽ ۾ هنن آزاديءَ جي هلچل کي نگهوسار ڪرڻ تي چاهيو. جئن گانڌيجيءَ ميرٽ مقدمي بابت ١٩٢٩ع ۾ چيو، ”سرڪار ترتلي ۾ آهي. مونکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ان مقدمي پٺيان ڪميونزم کي ختم ڪرڻ جي نه پر پارٽين ۾ ڏهڪاءُ پيدا ڪرڻ جي ئي مراد آهي.“

انگريزن سچ پچ ان مراد سان ئي لاهور، ڪانپور ۽ ميرٽ جا مقدما ڪيا، جن معرفت هنن ڪميونزم جو بهتان ٻچي هلچل کي ڪچلڻ تي چاهيو. ليڪن اسانجا اڳوان ۽ جنتا پيلاڄڻ واري نه هئي. پنڊت موتيلعل نهرو ١٩٢٨ ۾ مرڪزي اسيمبليءَ ۾ ڪتو چيو، ”گهروُ وزير صاحب جي تقرير، جنهن ۾ فقط ڪميونزم جي دهشت جو ئي ذڪر آهي، سا ٻالن ۽ ٻارن کي شايد ڏڪائي وجهي، پر ان اسان جهڙن سخت دماغن تي ڪو به اثر نه ڪيو.“ اهڙي ئي لهجي ۾ هندو سڀا جي هڪ اڳوان ڊاڪٽر مونجي به اسيمبليءَ ۾ گورن کي منهن جي ڀڏائي هئي. ”هلو، مان به ڪميونسٽ آهيان...“

# امن ۽ اُنڌيءَ جي دوستي

سوويت واسين لاءِ ڀارتواسين جي
مترتا ملهائتي آهي، هو انکي گڏيل
لاڀ ۽ دنيا جي جنتا جي سهڪار
۽ وشواس ۾ هڪ گڏيل دين سمجهنتا.
اچو تہ ان دوستيءَ جي حفاظت
ڪريون ۽ اُنکي اوڄ ڏيون.
(اليڪسي ڪوسيجن)

## دنيا جي بچاءَ لاءِ دين

١٩٤٧ ۾ ڀارت جي آزاد ٿيڻ کانپوءِ روسي ۽ ڀارتي
جنتا ڀرپور سهڪار ۽ وشواس سان پنهنجي دوستيءَ
جي حفاظت بہ ڪئي آهي تہ انکي اوڄ بہ ڏني آهي.
گذريل ١٥-١٦ سالن ۾ جيڪي راجنيتي اڳوان، اديبن،
ڪلاڪارن، واپارين، وگيانين، استرين وغيره جا قافلا
ٻنهي ملڪن ڏانهن آيا ويا آهن ۽ سياست ۽ ساهت،
ڪلا ۽ ڪوجنا، وگيان ۽ واپار جي ڏس ۾ جيڪا اڻاهہ
ڏيوڻ ٻنهي ملڪن ۾ ٿي آهي، سا انساني اِتهاس ۾
بي مثال آهي. هن ڏيوڻ رڳو ٻنهي ملڪن لئي ئي نہ ۾

دنيا کي ٻه لاڀ رسايو آهي. انهن ٻنهي ملڪن جي سهڪيون ۽ امن ۽ انتيءَ واري نيتيءَ هڪ اهم ڀاڱو ادا ڪيو آهي ۽ جي چئجي ته اُن دنيا کي تباهيءَ جي راهه کان بچايو آهي ته مبالغو نه ٿيندو.

ڪشمير جو سوال هجي چاهي گوئا جو هجي، يا روس-چين سرحدي سوال هجي، يا هند-پاڪ سرحدي سوال هجي، بينڪشاهي وڙوڌي سوال هجي چاهي ائٽمي آزمائش جو سوال هجي يا ايشيائي-آفريڪي ايڪتا جو سوال هجي چاهي ٻنهي ملڪ هڪ ٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هليا آهن، دوستيءَ جو ننگ نباهيو اٿن. ان دوستيءَ ۾ وٿي وجهڻ جون ڪوششون سڀ ناڪامياب ويئون آهن ڇو جو ٻنهي ملڪن پنهنجن راجنيتي وچارن کي زوريءَ مڙهڻ جي ڪا به ڪوشش نه ڪئي آهي ۽ نڪو وري انهن کي تنگ قومي نگاهه سان ڏٺو آهي، پر هڪ وشال انتر راشٽري درشٽيءَ کان ئي ڏٺو آهي.

## آرٿڪ سهڪار

فوجي ۽ آرٿڪ کيتر ۾ سوويت يونين جي مدد ۽ سهڪار لاثاني آهي. انجو مول مقصد انگريزي-آمريڪي سامراجين وانگر ڀارت کي ڪنهن مال جو اڏو ڪري پنهنجي هٿ هيٺ رکڻ نه آهي، مگر انکي پاڻ جهڙو آزاد ۽ پنهنجن پيرن تي بيهندڙ ملڪ بڻائڻ آهي. انڪري سوويت يونين جي آرٿڪ ۽ ٻين مدد سڀني ٻواجبي

شرطن شروطن ڪان آجي آهي.

سوويت يونين هن وقت لوهه، رڪ، مشينن ۽ ٻين فوجي سامان، اگر، تيل، بجلي شڪتي، دوائن وغيره جي اٽڪل ٤٠ ڪارخانن جوڙڻ ۾ مدد ڪئي آهي يا ڪري رهي آهي. هي ڪارخانا اسانجي بنيادي صنعت جي گهرج پوري ڪندا ۽ اسانکي هنري طرح طاقتور ملڪ بڻائي رهيا آهن. هنن مان ڀلائي جو رڪ جو ڪارخانو ته زور شور سان چالو آهي. هنجي هر سال ١٠ لک ٽن رڪ ناهڻ جي شڪتي آهي. آمريڪا جي دوکي ڏيڻ تي رشيا بوڪارو جي رڪ جو ڪارخانو ٺهڻ جوڙڻ ۾ مدد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهنجي شڪتي هر سال ٤٠ لک ٽن ٿيندي. ڳريون مشين ناهڻ جا ٻه ڪارخانا وري رانچي ۽ هردوار ۾ کڙا ڪيل آهن. ڪوئلي جي کاڻين لاءِ مشينن جي گهرج درگاپور جو ڪارخانو پوري ڪندو. مڌيه پرديش ۾ ٻن هند ڪوئلي جي کاڻين جو ڪم رشيا جي مدد سان چالو آهي. ننڍن اوزارن جا ڪارخانا ڪوٽا ۽ پالگهٽ ۾ کڙا ٿيندا. انهن ڪانسواءِ دوائن لاءِ يو.پي، حيدرآباد، مدراس، ۽ درگاپور ۾ ڪارخانا کوليا ويا آهن. تازو ٻن بين پمپن وغيره جي ناهڻ جي ڪم ۾ به سوويت سهڪار جو فيصلو ٿيو آهي. بجلي شڪتيءَ جي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ ٩ هنڌن تي ڪم چالو ڪيو ويو آهي ۽ جتان

٢٥٣٥٠٠٠ ڪلوواٽ بجلي ملندي. انهنمان مکيه آهن
ڀاڪرا، هيرا ڪنڊ ۽ نيويلي. کيتيءَ ۾ به سوويٽ يونين
مدد ڪئي آهي. پنجاب جي سورتگڙه کيت لاءِ گهربل
سڀئي مشينري مفت ڏنائون. جتي اڳي جهنگل هئا،
اُتي اڄ ڪڻڪ، جوئن، ڪپهه ۽ ڪمند جا کيت لهرائي
رهيا آهن. اهڙو ٻيو کيت جيتسر ۾ پڻ کڙو ڪيو ٿيو
وڃي. سوويٽ يونين انهن ڪارخانن لاءِ گهربل سوين
ماڻهن کي نه رڳو رشيا ۾ سکيا ڏيئي رهي آهي، پر
هتي ڀارت ۾ پڻ اهڙا مرڪز کولڻ ۾ مدد ڪري رهي
آهي، جئن ڀارتي ڀاڻ ئي ڀاري سگهن.

رشيا اسانکي جيڪو، ئـي سؤ اسي ڪروڙ قرض
ڏنو آهي سو صرف ٢½ سيڪڙي وياج تي ۽ اهو اسين پنهنجن
رپين ۾ واپس ڪنداسون، جنهنڪري اسانکي فارين
ايڪسچينج جي ڪا به تڪليف نه ٿيندي. ساڳيءَ طرح
واپار ۾ به رشيا ڪافي سهوليت ڏيئي رهي آهي. اڄ
جيترو واپار اسانجو رشيا سان ٿئي ٿو، اوترو ٻئي ڪنهن
به ملڪ سان نٿو ٿئي.

رشيا جي هن آرٿڪ مدد جي ٻل ٻوتي تي اڄ
اسين پاڻکي آمريڪي ۽ انگريزي سرمايدارن جي چنبي
مان آزاد ڪرائي سگهونٿا، جن اسانکي ڪيتري
وقت کانوني پٺتي پيٽريـو ۽ ستايو آهي. اهو آهي فرق
هڪ سوشلسٽ ملڪ جي دوستاڻي مدد ۽ هڪ سامراجي
سرمايدار ملڪ جي سوارٿي مدد ۾.

## ڪلچرل سهڪار

سوويت يونين ۾ پارٽي ساهت ۽ ڪلا، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ نه ڇاهه ڪافي قديم آهي، ليڪن ١٩١٧ واري انقلاب کانپوءِ اهو اسپولنڊڪ رفتار سان وڌيو آهي ۽ انجي نظر ۾ به تفاوت آهي، جا تاريخي پس منظر ۽ سماجڪ سنبند ۾ ڏسڻ واري درشٽي آهي. انگريزي هندن اسانجي پراچين ڌرم، فيلسوفي تي نئين روشني وڌي آهي، جيڪا ڀارت جي ادا ڪيل ڀاڱه کي پوري پوري نموني اڀاري بيهاري ٿي ۽ انجي اهميت ۾ اضافو ڪري ٿي.

سوويت يونين ۾ ڀارت جون پراچين زماني کانوٺي اڄ تائين واري وقت جون تاريخون ڇپيون وٺون آهن. جدا جدا دورن جي پوري ڇنڊڇاڻ ڪئي اٿن. اسانجي آڳاٽن ويدن شاسترن کي خاص سمجهائين سان وري وري پڙهي ڇپيو اٿن ۽ سڌو سنئون اصلوڪين رچنائن تان ئي ترجمو ڪيو اٿن ڇو ته اتي انقلاب کانپوءِ شاهي پٺماني تي پارٽي بولين جو اڀياس چالو آهي. اتي ڀارت جي سيني بولين سنسڪرت کانوٺي سنڌيءَ تائين انهن بولين جي گرامر ۽ ڊڪشنرين وغيره جا ڪتاب تيار ٿي رهيا آهن. سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ هندي ۽ ٻين ڪن مکيه بولين جي سکيا جو باقاعدي ڪورس آهي. تازو تاشقند جي ٣١ شاگردن هندي ۾ امتحان پاس ڪري چڱي طرح ڳالهائي ٻولهائي وٺڻ جي سکيا ورتي. اهڙا

اُپديش، رامايڻ ۽ مهاڀارت جا جدا جدا ڇاپا، پراڻن جا ٨٠ دستخط، رگهونش، ڪمار سنڀوَ، چنڊ يو جو گيت گووند پالــيءَ ۾ ڪماوچا، پـــراڪرت جـــي مهاراشٽري، شورسيني، مگڌي ۽ پشاچي روپن ۾ ڪي ناٽڪ.

انقلاب کانپوءِ رشيا ۾ جديد ڀارتي ادب تي خاص ڌيان ڏنـو ويو آهي. هيلتائين ٦٧ ڀارتي ليکڪن جا ٤٦٠ ڪتاب سوويت يونين جـــي ٣٤ ٻـولين ۾ هڪ ڪروڙ نوي لک ڪاپين ۾ ڇپيا ويا آهن. انهن سڀني مان گهڻي ۾ گهڻا ڪتاب گرديو ٽئگور جا آهن. جيڪي سڀ جا سڀ سنڌ و بنگاليءَ مان ترجمو ڪرايا ويا آهن.

ٻيو نمبر مشهور ليکڪ اتي منشي پريمچند آهـي. هنجـا ٻـــ اِلاهـــي ڪتاب ۽ آکـــاڻيون تمام گهڻين سوويت ٻولين ۾ گهڻن ئي ڇاپن ۾ آيون آهن. سندس راماڻ جـــو اُلٿو ۽ جهنگل جون آکاڻيون ٻارن کي گهڻو پسند پيئون آهن.

ٻيا مکيه ليکڪ آهـن ڪرشنچندر، ملڪراج آنند، راهـــول سانڪرتيايڻ، خـــواجا احمد عباس، يشپال، نرالا پنت، مهاديوي ورما، دنڪر، امرت لعل نـاگر، اشڪ، سجاد ظهير، وشنو پـــر ڀاڪر، رضيه سجاد ظهير، جعفري، بيدي وغيره. هنن هندي ۽ اُردو جي ليکڪن کانسواءِ ٻين ٻولين جـا ليکڪ آهـــن بنڪم چندر، شرت چندر، نذرالسلام، وللول، تارا شنڪر بئنرجي،

اڄ ڀارت ۾ نه فقط روسي ساهت، پر روسي ٻوليءَ جو به زور شور سان اڀياس ٿي رهيو آهي. هن وقت ٣٠ يونيورسٽين ۽ هيٺين ادارن ۾ روسي ٻولي سيکارڻ جو بندوبست ٿيل آهي ۽ ڪيترن هند ليارين کيون پيئون وڃن.

ٻنهي ملڪن جي سفارتن به هن ڪلچرل ڏي وٺ کي هٿي ڏني آهي. انهيءَ لاءِ ٻنهي ملڪن ۾ انڊو- سوويت ڪلچرل سنستائون به کڙيون ڪيل آهن. رڳو ١٩٥٨ع ۾ ئي ٣٣ سفارتون رشيا ويئون ۽ ٢٦ سفارتون رشيا جون ڀارت ۾ آيون. انهن ۾ ساهتڪار، ڪلاڪار، ماستر وغيره هئا. جهڙيءَ طرح سوويت ڪلاڪار پنهنجي ڪلا سان ڀارتواسين کي موهي ويندا آهن، تهڙيءَ طرح ڀارتي ڪلاڪار به روسين جون دليون کني ايندا آهن. هن وقت ڪيترائي روسي ڪلاڪار ڀارتي نرت ۽ سنگيت- ڪلا سکي رهيا آهن ۽ اُتي پنهنجا پروگرام به ڏيئي رهيا آهن.

١٩٦٣ جي پرجاوادي ڏينهن جي جشن جي موقعي تي سوويت واسين رامائڻ جو سنگيت- ناٽڪ پيش ڪيو، هڪ سؤ دفعا اڳ به پيش ٿي چڪو هو. اهڙيءَ طرح هو ڪاليداس ۽ ٽئگور جي ورسين تي انهن ليکڪن جا ناٽڪ پيش ڪندا رهندا. ڪي اهڙا به روسي ڪلاڪار آهن جي پنهنجو پاڻ ڀارتي سنگيت ۽ نرت جو اڀياس پيا ڪن. مخائيل الياپيو هڪ اهڙو مثال آهي،

# ڊائمنڊ ٽرانسپورٽ ڪمپني

ڀارت ۾ سنڌين جي هڪ ئي
انترديسڪ ٽرانسپورٽ سروس آهي
جنهن جي معرفت هر قسم جا مال جا ننڍا
وڏا نگ ۽ پورا ٽرڪ سلامتيءَ سان
ڀارت جي مکيه شهرن ۾ پهچايا وڃن ٿا.
جهڙوڪ اُجين، اندور، ڀوپال، گواليار،
ديواس، دهلي، ڪوٽا، ڪانپور
الهه آباد، لکنو ۽ وارانسي.

# Diamond Transport Co.

1. 320, Kharek Bazar Narsinatha Street, Bombay 9. Phone : 322002
2. 387, Sheikh Memon Street, opp. Mangaldas Market, Bombay 2. Phone : 326461
3. Jawahar Marg. Indore. Phone : 5275
4. Bowbay-Agra Rd., Devas Naka, Indore. Phone : 4284
5. Itwara Road, Bhopal.
6. 90/240 Iftikharabad, Kanpur (U. P.) Phone: 38005.

# نئين دنيا

سنڌيءَ جي هڪ ئي جهوني ۾ جهوني ترقي پسند مخزن آهي، جنهن سنڌيءَ ۾ ليکڪن کي اُجرو ڏيڻ جي نئين روايت شروع ڪئي آهي، جنهن ۾ چيل رچنائون هندي، اردو، انگريزي، مرهٽي، گجراتي، بنگالي ۽ ڪنڙ ٻولين ۽ ساهتيه اڪيڊمي ۽ هند سرڪار جي مجموعن ۾ پڻ ڇپيل آهن، جنهن جا ليک ساهت، ٻولي ۽ سماج تي نئين روشني وجهندا آهن ۽ شاگردن کي امتحانن لاءِ ڪم اچن ٿا. **ريڊرڪي ڪاپي ۴۰ نوان پئسا، ساليانو چندو چار رپيا.**

---

# نئين دنيا ناول مالها

نئين دنيا پبلشرس پاران نئين دنيا ناول مالها پڻ شروع ڪيل آهي جنهن طرفان سال ۾ چار ناول ڏجن ٿا. ساليانو چندو فقط ڇهه رپيا آهي. هيل تائين ڇار ناول ٽالسٽاءِ جو پيار يا واسنا، امرتا پريتم جو هڪ سسئي، سؤ سور، ارجن سڪايل جو هڪ پرش ٿي اسٽريون ۽ شولوخوف جو انسان جو نصيب ڏنا آهن. ايندڙ سال فرينچ، آمريڪي، بنگالي ۽ سنڌي ناول ڏيندا سون. اڄ ئي چندو ڀري گهر ويٺي دلڪش ناول حاصل ڪريو.

پتو:- نئين دنيا، ١٠ مهتا مينشن،
سينلا ڊيري ليمول روڊ، ماهم، بمبئي ١٦.

